روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) جمعو 31 مارچ 2023ع بمطابق 09 رمضان المبارڪ 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 307

قانون سازي ڪرڻ پارليامينٽ جو اختيار آهي: مرتضيٰ وهاب

پارليامينٽ سپريم ادارو آهي ۽ هر ادارو آئين جي حدن ۾ رهي ڪم ڪندو، پارليامينٽ ۾ قانون سازي خوش آئند آهي: ترجمان سنڌ حڪومت

جيڪڏهن قانون سازي اڳ ۾ ٿي وڃي ها ته نسلا ٽاور جهڙا واقعا پيش نه اچن ها، ريڪوڊڪ ۽ رينٽل پاور ۾ مداخلت نه ٿئي ها، جڏهن ته حڪومت جو مطلب رڳو وزيراعظم نه آهي

گذريل ڪجهه سالن کان قوم آئين ۽ قانون جي ڳالهه ڪري رهي آهي، اسان جي سماج ۾ جيڪا به ڳالهه ٻولهه ٿيندي آهي، ان ۾ آئين ۽ قانون کي هٿي وٺرائي ويندي آهي

گهڻيون ڳالهيون ٿيون آهن ته سپريم ڪورٽ مداخلت ڪري رهي آهي، حڪومت فيصلو ڪندي ته سپريم ڪورٽ ۾ ڪيترا جج هجڻ گهرجن، مان ان قانون سازي کي ڀليڪار قرار ڏيان ٿو

جيڪا قانون سازي ڪئي وئي آهي ان جي تحت پاڻمرادو نوٽيس جو اختيار چيف جسٽس نٿا ڪري سگهن ٽي سينيئر جج ملي ڪري ڪندا. آئين ۾ لکيل آهي ته سپريم ڪورٽ صرف چيف جسٽس ناهي سمورا جج صاحبان آهن

نئين قانون ذريعي چيف جسٽس جا اختيار گهٽ نه ڪيا پيا وڃن، پارليامينٽ اهم ادارو آهي، قانون سازي سنڌس اختيار آهي، مون کي اهو حق نٿو پهچي ته مان اختيار پاڻ طي ڪيان: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ قانوني صلاحڪار سنڌ بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته قانون سازي ڪرڻ پارليامينٽ جو اختيار آهي. پارليامينٽ سپريم ادارو آهي ۽ هر ادارو آئين جي حدن ۾ رهي ڪم ڪندو، پارليامينٽ ۾ قانون سازي خوش آئند آهي، جيڪڏهن قانون سازي اڳ ۾ ٿي وڃي ها ته نسلا ٽاور جهڙا واقعا پيش نه اچن ها، ريڪوڊڪ ۽ رينٽل پاور ۾ مداخلت نه ٿئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01


ڪراچي: سنڌ حڪومت جو ترجمان ۽ قانوني صلاحڪار سنڌ بئريسٽر مرتضيٰ وهاب پريس ڪانفرنس ڪندي

پيٽرول تي سبسڊي: آءِ ايم ايف حڪومت جي شروعاتي تجويز رد ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ر د) عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) پيٽرول تي سبسڊي جي شروعاتي تجويز کي رد ڪري ڇڏيو ذريعن موجب آءِ ايم ايف حڪومت طرفان موٽر سائيڪل ۽ 800 سي سي کان گهٽ گاڏين جي لاءِ سستي پيٽرول جي اسڪيم تي اعتراض ڪيو آهي، آءِ ايم ايف سوال اٿاريو آهي ته هن اسڪيم جي لاءِ ڪيتري سبسڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سينيٽ ۾ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل منظور، اپوزيشن جو احتجاج

سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اجلاس ۾ قانون واري وفاقي وزيراعظم نذير تارڙ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل ايوان ۾ پيش ڪرڻ جي تحريڪ جمع ڪرائي

سينيٽ ۾ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل قائمہ ڪميٽي حوالي ڪرڻ جي اپوزيشن جي تحريڪ رد ڪئي وئي ۽ بل فوري طور تي منظور ڪرڻ جي تحريڪ منظور ڪئي وئي

اپوزيشن ميمبرن طرفان سينيٽ ۾ احتجاج ڪيو ويو، اپوزيشن جي سينيٽرز چيئرمين سينيٽ جي ڊائيس جي سامهون پهچي ويا ۽ عدليہ تي حملا نامنظور جا نعرا لڳايا

سينيٽ سيڪيورٽي حڪومتي ۽ اپوزيشن بينچز جي وچ ۾ حصار ناهي ورتو جنهن کان پوءِ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل منظوري جي لاءِ پيش ڪيو ويو

بل کي اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو. بل جي حق ۾ 60 ۽ مخالفت ۾ 19 ووٽ پيا، اپوزيشن سيٽن تي موجود فاٽا ۽ بلوچستان عوامي پارٽي سان تعلق رکندڙ سينيٽرز به بل جي حمايت ۾ ووٽ ڏنو

سپريم ڪورٽ جا سمورا ججز برابر آهن. اداري کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ شخصيت کي مضبوط ڪرڻ جي بجاءِ نظام کي مضبوط ڪيو وڃي: اعظم نذير تارڙ

اسلام آباد (م ر د) قومي اسيمبلي کان پوءِ سينيٽ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل منظور ڪري ورتو سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اجلاس ۾ قانون واري وفاقي وزيراعظم نذير تارڙ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل ايوان ۾ پيش ڪرڻ جي تحريڪ جمع ڪرائي، سينيٽ ۾ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل قائمہ ڪميٽي حوالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: سينيٽ ۾ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل منظور ٿيڻ بعد اپوزيشن طرفان احتجاج ڪيو پيو وڃي

لڪي مروت: صدر ٿاڻي ويجهو دهشتگردن جو حملو، ڊي ايس پي سميت 4 اهلڪار شهيد

ضلعي لڪي مروت جي صدر ٿاڻي ويجهو پوليس وين تي دهشتگردن جديد ۽ ڳرن هٿيارن سان حملو ڪيو

پوليس جي جوابي فائرنگ دوران دهشتگرد رات جي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

فائرنگ سبب 5 پوليس اهلڪار فاروق شاهه، امانت الله، اصغر علي، گل نياز ۽ عارف زخمي ٿي پيا

ڊي ايس پي لڪي اقبال مومند، وقار، علي مرجان ۽ ڪرامت الله موقعي تي ئي زخمن جا سور نه سهندي شهيد ٿي ويا

لڪي مروت (م ر د) صدر ٿاڻي ويجهو پوليس وين تي دهشتگردن جي حملي دوران ڊي ايس پي سميت 4 اهلڪار شهيد جڏهن ته 6 زخمي ٿي پيا. رپورٽ موجب ضلعي لڪي مروت جي صدر ٿاڻي ويجهو پوليس وين تي دهشتگردن جديد ۽ ڳرن هٿيارن سان حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ڊي ايس پي سميت 5 اهلڪار شهيد ۽ 6 زخمي ٿي پيا. جڏهن ته پوليس جي جوابي فائرنگ دوران دهشتگرد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

وزيراعظم شهباز شريف جسٽس فائز عيسيٰ خلاف ريفرنس واپس وٺڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

وزيراعظم جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اجلاس ۾ وفاقي ڪابينہ اڳ ئي هن فيصلي جي منظوري ڏئي چڪي

وزيراعظم قانون واري وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ کي جسٽس قاضي فائز عيسيٰ خلاف ڪيوريٽيو ريويو ريفرنس واپس وٺڻ جي هدايت ڪئي

ڪمزور ۽ بي بنياد سببن تي ڪيوريٽيو ريويو ريفرنس داخل ڪرڻ سبب حڪومت ان ڪيس جي پيروي نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم شهباز شريف وڏو فيصلو ڪندي سپريم ڪورٽ جي سينيئر ترين جسٽس قاضي فائز عيسيٰ خلاف ڪيوريٽيو ريويو ريفرنس واپس وٺڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو، وزيراعظم جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اجلاس ۾ وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

توشہ خانہ ڪيس: عمران خان عدالت ۾ پيش نہ ٿيو، حاضري کان ڇوٽ جي درخواست منظور

اسلام آباد (م ر د) توشہ خانہ ڪيس ۾ عدالت عمران خان جي حاضري کان ڇوٽ جي درخواست کي منظور ڪندي ڪيس ۾ هڪ مهيني جي ڏگهي تاريخ ڏئي ڇڏي. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان خلاف توشہ خانہ ڪيس جي ٻڌڻي ايڊيشنل سيشن جج ظفر اقبال ڪئي جنهن ۾ پي ٽي آءِ وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ٽيريان ڪيس: عمران خان کي نااهل قرار ڏيڻ جي درخواست ٻڌڻ جوڳي آهي يا نه؟ فيصلو محفوظ

پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان تي ٽيريان نالي ڌيءَ کي ظاهر ڪرڻ جي الزام هيٺ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست جي ٻڌڻي ٿي

اڄاڻ تائين ڪنهن به رڪارڊ موجب عمران خان نه انڪار ڪيو آهي ۽ نه ئي وري ڪجهه مڃيو آهي: چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ

اسلام آباد (م ر د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٽيريان ڪيس ۾ عمران خان کي نااهل قرار ڏيڻ جي درخواست کي ٻڌڻ جوڳو هجڻ يا رد ڪرڻ بابت فيصلو محفوظ ڪري ورتو رپورٽ موجب پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان تي ٽيريان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اليڪشن ڪميشن پاران ڪي پي اسيمبلي جي چونڊن جي تاريخ جو اعلان

خيبرپختونخواهہ اسيمبلي جون چونڊون 8 آڪٽوبر تي ٿينديون

خيبرپختونخواهہ جي گورنر حاجي غلام علي چونڊن جي تاريخ 8 آڪٽوبر جي تجويز ڪئي هئي

اسلام آباد (م ر د) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان خيبرپختونخواهہ اسيمبلي جي چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي، نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ٻن صوبن ۾ چونڊون ملتوي ڪيس: جسٽس امين ڪيس ٻڌڻ کان معذرت ڪري ڇڏي، سپريم ڪورٽ جو لارجر بينچ ٽٽي ويو

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي فيصلي جي حوالي سان مان ڪيس ٻڌڻ کان معذرت ڪريان ٿو: جسٽس امين

جسٽس امين الدين جي اهڙي بيان کان پوءِ بينچ عدالت جي ڪمري مان اٿي هليو ويو

جسٽس امين طرفان معذرت ڪرڻ کان پوءِ عدالت جو لارجر بينچ ٽٽي ويو هاڻ ڪيس ۾ نئون بينچ جوڙيو ويندو

اسلام آباد (م ر د) سپريم ڪورٽ جي پنج رڪني بينچ ۾ شامل جسٽس امين الدين ٻن صوبن ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جو ڪيس ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جنهن کان پوءِ عدالت جو لارجر بينچ ٽٽي ويو سپريم ڪورٽ جو 5 رڪني لارج بينچ جڏهن ٻڌڻي جي لاءِ آيو ته چيف جسٽس پاڪستان چيو ته جسٽس امين الدين خان ڪجهه چوڻ چاهي ٿو ان موقعي تي جسٽس امين الدين ڪيس ٻڌڻ کان معذرت ڪري ڇڏي. جسٽس امين گذريل ڏينهن جي فيصلي جي حوالي سان ڪيس ٻڌڻ کان معذرت ڪري ڇڏي. جسٽس امين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار سينيٽ اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

ڪوشش آهي هلندڙ سال اسٽيٽ بينڪ جا ذخيرا 13 ارب ڊالر تائين پهچي وڃن: اسحاق ڊار

پاڪستان جو ٻاهريون قرض گهٽ ٿي ويو آهي. ڪوشش آهي ته ذخيرن ۾ بهتري آندي وڃي

اڳ به چيو آهي ته معيشت تي سياست نه ڪئي وڃي. چارٽر آف اڪانومي تي ڳالهيون ڪيون وڃن

اسٽيٽ بينڪ کي رياست جي اندر رياست بنايو ويو. مانيٽري پاليسي ۾ ناڻي واري وزارت جو ڪو به عمل دخل ناهي

اسلام آباد (م ر د) ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته ڪوشش آهي ته هلندڙ سال اسٽيٽ بينڪ جا ذخيرا 13 ارب ڊالرن تائين پهچي وڃن. سينيٽ ۾ خيالن جو اظهار ڪندي ناڻي واري وزير اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان جو ٻاهريون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پي ٽي آءِ پاران پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل جي مخالفت جو اعلان

سينيٽ ۾ پي ٽي آءِ جي پارلياماني پارٽي جو اجلاس ٿيو، پروسيجر بل جي مخالفت جو فيصلو ڪيو ويو

سپريم ڪورٽ سينيٽ ۾ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل جي مخالفت ڪندي: سينيٽر فيصل جاويد

سڀ کان پهريان سوالن کي پورو ڪرڻ ڏيو، جيستائين توهان بل تي بحث نه ڪندا تيستائين بل تي غور نہ ڪندس: سينيٽ چيئرمين

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سپريم ڪورٽ جي پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل جي مخالفت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مخالف ڌر اڳواڻ شهزاد وسيم

آمريڪي ڊالر سستو، اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ منفي رجحان

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت 286 رپيا 50 پئسا تي برقرار

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 283 رپيا 92 پئسا تي بند ٿيو

ڪراچي (م ر د) آمريڪي ڊالر جي ڪالهه سستو ٿي چڪو آهي انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 12 پئسا سستو ٿيڻ بعد 283 رپيا 80 پئسا تي ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪيسن جي جاچ: جي آءِ ٽي تحريڪ انصاف اڳواڻن کي اڄ طلب ڪري ورتو

حماد اظهر، فرخ حبيب، فواد چوڌري، اعجاز چوڌري ۽ ٻين کي طلب ڪيو ويو

سمورا پي ٽي آءِ اڳواڻ اڄ جي آءِ ٽي کي پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائيندا

لاهور (م ر د) پي ٽي آءِ اڳواڻن تي داخل ٿيندڙ ڪيسن جي جاچ جي سلسلي ۾ جي آءِ ٽي سربراهه اڄ 11 وڳي پي ٽي آءِ اڳواڻن کي طلب ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

لاهور: جي آءِ ٽي سربراهه طرفان طلب ڪيل پي ٽي آءِ اڳواڻن جا فائيل فوٽو

سپريم ڪورٽ جي بينچ جو ٽٽڻ ٻڌائي ٿو ته سڀ ڪجهه ٺيڪ نه آهي: خواجا آصف

عدالت کي اهڙا فيصلا ڪرڻ جي ضرورت آهي جن سان ورهاڱا ختم ٿين ۽ سپريم ڪورٽ آئين جو تحفظ ڪندي نظر اچي

سمورن ججز تي لازمي آهي ته هو پنهنجن فيصلن ۽ ڪنڊڪٽ سان اداري جي عزت جو تحفظ ڪن

سياست کي انهن ادارن ۾ داخل نه ڪيو وڃي جن جو ڪم انصاف ڏيڻ آهي: سپريم ڪورٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ر د) دفاع واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي 5 رڪني بينچ جو ٽٽڻ ٻڌائي ٿو ته سڀ ڪجهه ٺيڪ نه آهي، عدالت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

دفاع وارو وزير خواجا آصف (فائيل فوٽو)

فوجداري قانون جي بغاوت واري شق 124 اي ڪالعدم قرار

جسٽس شاهد ڪريم سليمان ابوذر نيازي ۽ ٻين جي درخواستن تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو

سيڊيشن ايڪٽ 1860ع ۾ ٺاهيو ويو جيڪو انگريزن جي دور جي نشاني آهي: درخواستگذار جو وڪيل

لاهور (م ر د) لاهور هاءِ ڪورٽ پاڪستان پينل ڪوڊ جي سيڪشن 124 اي کي ملڪ سان غداري ڪرڻ تي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو لاهور هاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

چيف جسٽس ٺي بئنچ ناهڻ جو اختيار رکي ٿو، واڌو نمبر ڏيڻ جي ڪيس ۾ جسٽس شاهد جو اختلافي نوٽ

بئنچون جوڙڻ چيف جسٽس جو انتظامي اختيار آهي، سپريم ڪورٽ پاڻمرادي نوٽيس نمبر 4/2022 ۾ اهو قرار ڏئي چڪي آهي: نوٽ جو متن

چيف جسٽس ٺي بئنچون ناهڻ جو اختيار رکي ٿو، جج بئنچ جي جوڙجڪ تي اعتراض نٿا اٿاري سگهن

جيڪڏهن ججن کي بئنچ جي جوڙجڪ تي اعتراض هو ته اهي ڪيس ٻڌڻ کان معذرت ڪري پئي سگهيا

اسلام آباد (م ر د) سپريم ڪورٽ ۾ قرآن پاڪ جي حافظ کي 20 واڌو نمبر ڏيڻ جي ڪيس جو اخلاقي نوٽ جاري ڪيو ويو آهي، جسٽس شاهد وحيد 5 صفحن تي ٻڌل اختلافي نوٽ جاري ڪيو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته بئنچون جوڙڻ چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

مڙس، زال ۽ ٻن ٻارن کي قتل ڪري پاڻ به آپگهات ڪري ڇڏيو

واقعو شارجا ۾ پيش آيو جتي مڙس گهر ۾ پهرين زال ۽ ٻن ٻارن کي قتل ڪيو

همراهه پاڻ وري رهائشي عمارت تان ٽپو ڏئي آپگهات ڪيو

شارجا (م ر د) شارجا ۾ هڪ همراهه زال ۽ ٻارن کي قتل ڪرڻ کانپوءِ رهائشي عمارت تان ٽپو ڏئي پنهنجي زندگي جو ڏيئو به اُجهائي ڇڏيو پڙهيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

بلوچستان جي مختلف شهرن ۾ تيز برساتن جو سلسلو جاري، ٻوڏ صورتحال، 2 ڄڻا فوت

ڪوهلو ۾ لاڳيتو 9 ڪلاڪن جي برسات کان پوءِ نيصوبہ ڊيم جي اسپيل وي مان پاڻي ٻاهر نڪرڻ شروع ٿي ويو

تيز برسات سبب ندي نالن ۾ چاڙهه اچي وئي، شهر ۾ بجلي جي سپلاءِ معطل ٿي وئي

سنڌ ۽ بلوچستان کي ملائيندڙ قومي شاهراهه يارو ڪازوي ۽ پنجره پل جا هنڌ به بند ڪيا ويا

ڪوئٽا (م ر د) بلوچستان جي مختلف شهرن ۾ تيز برساتن جو سلسلو جاري آهي، جڏهن ته طوفاني برساتن هڪ دفعو ٻيهر ٻوڏ واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي، ڪوهلو ۾ لاڳيتو 9 ڪلاڪن جي برسات کان پوءِ نيصوبہ ڊيم جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪوئيٽا: تيز برسات سبب ڪچا گهر ڊٺل نظر اچي رهيا آهن

پنجاب ۾ صوبائي حڪومت مزدورن جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت ۾ 7 هزار رپيا واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

لاهور (م ر د) پنجاب ۾ صوبائي حڪومت مزدورن جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت ۾ 7 هزار رپيا واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. پنجاب حڪومت مهانگائي کي نظر ۾ رکندي مزدورن جي اجرت ۾ 7 هزار رپيا واڌ ڪري ڇڏي، مزدورن جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت 25 هزار مان وڌائي 32 هزار رپيا ڪئي وئي آهي، جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. ان کان اڳ ليبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

شهداد ڪوٽ: لاڪ اپ ۾ جوابدار جو پراسرار موت: پوليس آفيسرن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

شهدادڪوٽ (رپورٽر) شهداد ڪوٽ جي عدالت پوليس حراست ۾ شهري فوت ٿيڻ جو اڳوڻي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او سميت 5 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو 21 ڏينهن اڳ اي سيڪشن ٿاڻي جي لاڪ اپ ۾ قيد نور محمد مستوئي پراسرار طور فوت ٿيو هو. فوتي جي گهرواري پٽيشن داخل ڪرائيندي چيو هو پوليس پاران سندس مڙس کي قتل ڪيو ويو آهي عدالت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان ملاقات ڪري رهيو آهي

تنگواڻي پرسان مبينا ڪارنهن الزام هيٺ عورت قتل

ڳوٺ غلام محمد ڏاهاڻي ۾ ڪارنهن الزام هيٺ عورت کي قتل ڪيو ويو

گهرواري منظوران تي سندس ڀائرن ڪارنهن جو الزام مڙهيو هو: مڙس

تنگواڻي (رپورٽر) تنگواڻي پرسان مبينا طور ڪارنهن الزام هيٺ عورت کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو آهي تنگواڻي ويجهو ڳوٺ غلام محمد ڏاهاڻي ۾ ڪارنهن الزام هيٺ عورت کي قتل ڪيو ويو. لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو عورت جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: صحافين جي مالي مدد لاءِ سنڌ جي اطلاعات کاتي واري سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

ڪراچي ۾ صحافين جي مالي مدد جي حوالي ڪميٽي جو اجلاس منعقد

سنڌ جي اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري نديم الرحمٰن ميمڻ جي صدارت ۾ اجلاس ٿيو

صحافين مظهر عباس، طاهر حسن خان، ڊاڪٽر جبار خٽڪ، عبدالرشيد ميمڻ ۽ ٻين جي شرڪت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري نديم الرحمٰن ميمڻ جمعرات تي پنهنجي آفيس ۾ صحافين جي مالي مدد جي حوالي سان ڪميٽي جي اجلاس جي ڪري رهيو آهي اجلاس ۾ معزز صحافين مظهر عباس، طاهر حسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پنجاب ۽ خيبرپختونخواهہ ۾ عام چونڊن واري معاملي تي وزيراعظم ۽ اٽارني جنرل ۾ اهم ملاقات

وزيراعظم شهباز شريف اٽارني جنرل منصور عثمان کي طلب ڪري ورتو

اٽارني جنرل وزيراعظم کان سپريم ڪورٽ ۾ هلندڙ ڪيس بابت هدايتون وٺندو

اسلام آباد (م ر د) پنجاب ۽ خيبرپختونخواهہ ۾ عام چونڊن واري معاملي تي وزيراعظم ۽ اٽارني جنرل ۾ اهم ملاقات ٿي وزيراعظم شهباز شريف اٽارني جنرل منصور عثمان کي طلب ڪري ورتو اٽارني جنرل وزيراعظم کان سپريم ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

حڪومت وٽ مينڊيٽ ناهي، انڪري اصلاحات نہ آڻي سگهيا: شاهه محمود قريشي

پي ٽي آءِ جو بنيادي مقصد آئين جي بالادستي آهي

297 رٽائرڊ ججن عمران خان سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو آهي

لاهور (م ر د) پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي چيو آهي ته هو پنهنجي دور ۾ مطالبن جي زور تي حڪومت ڪري رهيا هئا. مينڊيٽ نہ هجڻ سبب عدالتي نظام ۾ سڌارا نہ اچي سگهيا. لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

گيانچند ايسراڻي پاران مڪلي ۾ ماتا ڀواني جي سالياني ميلي ۾ شرڪت

پربنڌ ڪميٽي ماتا ڀواني مندر پاران منعقد ڪيل سالياني ميلي ۾ هزارين ياتري شريڪ

صوبائي وزير ماتا ڀواني مندر تي سولر سسٽم ۽ ٻين ترقياتي اسڪيمن جو افتتاح ڪيو

اسڪالرشپ خالص ميرٽ تي ڏني ويندي، سفارش جي ڪا به ضرورت ناهي: گيانچند ايسراڻي

ڪراچي (رپورٽر) اقليتن جي معاملن واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي پاران مڪلي ۾ ماتا ڀواني جي سالياني ميلي ۾ خاص مهمان طور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي پاران مڪلي ۾ ماتا ڀواني جي سالياني ميلي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

آمريڪي فوج جا ٻہ هيلي ڪاپٽر پاڻ ۾ ٽڪرائجي تباهه، ڪيئي فوجين جو خدشو

حادثو ڪينٽڪي جي ٽرگ ڪائونٽي ۾ ملٽرس بيس ويجهو پيش آيو

معمول جي تربيتي اڏام دوران ٻہ بليڪ هاڪ هيلي ڪاپٽر حادثي جو شڪار ٿيا

واشنگٽن (م ر د) آمريڪي رياست ڪينٽڪي ۾ آمريڪي فوج جا ٻہ بليڪ هاڪ هيلي ڪاپٽر پاڻ ۾ ٽڪرائجي تباهه ٿي ويا جنهن ۾ ڪيئي فوجين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ايم ڊي واٽر بورڊ طرفان ملازمن کي عيد بونس ڏيڻ جي منظوري

ڪراچي (پ ر) سي اي او / ايم ڊي واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران واٽر بورڊ ملازمن جا مسئلا فوري طور تي حل ڪرڻ ۾ ذاتي دلچسپي وٺندي هڪ ٻيو سلو قدم کڻي ڪري واٽر بورڊ جي سمورن مسلمان ملازمن لاءِ ليو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ حڪومت پاران عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ڪيترائي قدم کنيا ويا آهن: محمد نذير احمد

گلشن اقبال بلاڪ 16 ۾ بيڪرين، فروٽس ۽ پاڇين جي دڪانن ۽ اسٽالن جو معائنو

وڌيڪ اگهن تي شين جي وڪرو ڪرڻ وارن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي پئي وڃي: پرائس انسپيڪٽر

عوام پاران سنڌ حڪومت جي قدم کي ساراهيو ويو ۽ پرائس انسپيڪٽر جي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات کاتي سنڌ جي پرائس انسپيڪٽر ۽ سيڪشن آفيسر محمد نذير احمد عوام کي حڪومت جي اگهن تي روزانو استعمال ٿيندڙ شين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ ايجوڪيشن سٽي ۾ ريسڪيو 1122 سيٽلائيٽ اسٽيشن تيار ڪئي ويندي: رسول بخش چانڊيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي ۽ رليف کاتي بابت صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو بحالي کاتي ۽ سيڙپڪاري کاتي جي وچ ۾ مفاهمتي ياداشت تي صحيحن واري تقريب کي خطاب ڪندي اعلان ڪيو ته پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڊپٽي ڪمشنر ويسٽ ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم مختلف بچت بازارن جو دورو ڪيو

ڪاڌي پيتي جون غير معياري شيون رکڻ تي مختلف دڪانن تي ڏنڊ لاڳو ڪيا

دوري دوران ڊپٽي ڊائريڪٽر سنڌ فوڊ اٿارٽي بشير خان پنهنجي ٽيم سان گڏ موجود هو

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ويسٽ غلام قادر ٽالپر پنهنجي ضلعي ۾ قائم مختلف بازارن جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر سنڌ فوڊ اٿارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نوشهروفيروز ۾ فيڊر ٽيچرس ايسوسيئيشن سڏ تي اين سي ايڇ ڊي استادن پاران احتجاج

سروس بڪ , اسڪيل ۽ پينشن جي حق کان محروم ڪرڻ ۽ رهيل ٽن مهينن جي پگھار نه ملڻ خلاف احتجاج

مبين راڄپر اصغر مورو تهميز وسڻ ۽ ارشاد مورو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب نوشهروفيروز اڳيان احتجاج ڪيو ويو

پڪو ڪرڻ بدران فقط پگھار ۾ معمولي اضافو ڪري نه اسان اسڪيل ڏنو ويو آهي نه مسئلا حل ڪيا پيا وڃن: مظاهرين

نوشهروفيروز (ب) فيڊر ٽيچرس ايسوسيئيشن سنڌ جي مرڪزي سڏ تي اين سي ايڇ ڊي ۽ بيڪس جي استادن کي، سروس بڪ, اسڪيل ۽ پينشن جي حق کان محروم ڪرڻ ۽ رهيل ٽن مهينن جو پگهار نه ملڻ خلاف مرڪز صدر خان محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: فيڊر ٽيچرس ايسوسيئيشن سڏ تي اين سي ايڇ ڊي استادن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي گلشن اقبال جي علائقي گلزار هجري ۾ گئس بحران شدت اختيار ڪري ورتي

سوئي سدرن گئس ڪمپني طرفان رمضان ڀلاري مهيني ۾ به گئس جو بحران پيدا ڪري ڇڏيو

گئس عملدارن طرفان رمضان ۾ ڏنل شيڊول مطابق به گئس فراهمي بند رهي ٿي: علائقي واسي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي گلشن اقبال جي علائقي گلزار هجري ۾ گئس بحران شدت اختيار ڪري ورتي سوئي سدرن گئس ڪمپني طرفان رمضان ڀلاري مهيني ۾ به گئس جو بحران پيدا ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪري علائقي واسين لاءِ سحري توڙي افطاري ۾ کاڌا تيار ڪرڻ کان محروم ٿيڄي ويا آهن .ان ڏس ۾ جماعت اسلامي پبلڪ ايڊ ڪاميٽي ضلعي اوڀر جي اڳواڻ سابقا ايم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

مليرجي علائقي علي بخش ڳوٺ جي رهواسين قبضا مافيا ۽ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

شاهد ڏومڪي، جاويد ڏومڪي، راڻو خان ڏومڪي ۽ ٻين صحافين آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسان گذريل چاليهن سالن کان هن ڳوٺ ۾ رهائش پذير آهيون، تنگ ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

مزدوري ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالي رهيا آهيون پر قبضا مافيا جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) مليرجي علائقي علي بخش ڳوٺ جي رهواسين قبضا مافيا ۽ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري تعريبازي ڪئي ان موقعي تي مظاهرين شاهد ڏومڪي، جاويد ڏومڪي، راڻو خان ڏومڪي ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو ته اسان گذريل چاليهن سالن کان هن ڳوٺ ۾ رهائش پذير آهيون ۽ اسان جي وڏڙن هي زمين خريد ڪيل آهي اڄ جڏهن هتي آبادي وڌي رهي آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪراچي : ڳوٺ علي بخش جي رهواسين قبضا مافيا ۽ پوليس خلاف احتجاجي

وارهه کا جوڻاٽي ويندڙ روڊ جي نئين سر تعميراتي ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويو

ٺيڪيدار ناقص متيريل ۽ ڊامبر جي جاءِ تي ٽائر استعمال ساڙي استعمال ڪرڻ لڳو

تعلقه پريس ڪلب وارهه جي ٽيم موقعي جاءِ واردات تي پهتي جتي ڳوٺاڻن دانهون ڪيون

ٽائر استعمال ڪندڙ ٺيڪيدار خلاف فل فور ايڪشن ڪٿي بيچيني دور ختم ڪئي وڃي: مظاهرين

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه کا جوڻاٽي ويندڙ روڊ جي نئين سر تعميراتي ڪم رولهڙي جو شڪار ٺيڪيدار طرفان ناقص متيريل ۽ ڊامبر جي جاءِ تي گاڏين جا ٽائر استعمال ساڙي استعمال ڪرڻ لڳو ڳوٺاڻن ۽ ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ مسافرن اهڙي ڪڏي ڪم ڪي ڏسندي ئي فل فور ميڊيا سان رابطو ڪري شڪايت ڪئي جنهن کان پوءِ تعلقه پريس ڪلب وارهه جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽي ۾ صوبائي سيڪريٽري خوراڪ جي صدارت هيٺ اجلاس، اهم معاملن تي ڳالهيون

دربار هال مڪلي ۾ ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو حدف حاصل ڪرڻ بابت هڪ اهم اجلاس ٿيو

ٺٽي ۽ سجاول جي آبادگارن، واپارين، ايم اين اي ۽ ايم پي ايز جي نمائندن شرڪت ڪئي

قلم 144 لاڳو آهي، ڪڻڪ منتقل ٿيڻ جي صورت ۾ ڪارروائي ڪئي ويندي: راجا خرم شهزاد

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) صوبائي سيڪريٽري خوراڪ راجا خرم شهزاد عمر جي صدارت هيٺ دربار هال مڪلي ۾ ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو حدف حاصل ڪرڻ بابت هڪ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر غلام فاروق سومرو، ايڊيشنل ڊپٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو: صوبائي سيڪريٽري منعقد اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

جهمپير ۾ گهنو مل سان ٿيندڙ پوليس ناجائزي جي خلاف نوٽيس ورتو آهي: گيانچند ايسراڻي

پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو اقليتي برادري سان ايتري محبت ڪري ٿو جنهن جو ڪو اندازو ناهي

صوبائي وزير گيانچند ٺٽي ۾ مسانڻ گردوارن لاءِ ڪروڙين رپين اسڪيمون ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

دريانو مل ۽ ٻين ميلي تي آيلن کي ميلي جي پربند ڪميٽي پاران چنرين لنگين اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) جهمپير ۾ گهنو مل سان ٿيندڙ پوليس ناجائزي جي خلاف نوٽس وٺندي مون آئي جي سنڌ سان ڳالهايو آهي جلد ايڪشن ڪجندو اهڙو خيالن جو اظهار صوبائي وزير براءِ اقليتي امور گيانچند ايسراڻي شنگهه ڀهواني مندر مڪلي ٺٽي ۾ ترواڙي جي ميلي تي پربهند ڪميٽي پاران خاص ڏنل دعوت تي ڳالهائيندي ڪيو هن چيو اسان جو چيئرمين بلاول ڀٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سرحد پرسان جهانپور شريف ۾ چورين کي ٻجهو نه اچي سگهيو، وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج

درگاهه جهانپور شريف ۾ سماجي تنظيم اسٽيپس آرگنائيزيشن ۽ سول سوسائٽي پاران احتجاج ڪيو ويو

اسٽيپس آرگنائيزيشن جي چيئرمين، سيد صدرالدين شاهه بخاري،استاد رشيد ملهڻ، علي نواز سميجو شريڪ

پوليس ۽ چونڪي انچارج نثار مهر پاران چورين کي روڪڻ لاءِ علائقي ۾ ڪو به گشت نه پيو ڪيو وڃي: مظاهرين

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد پرسان جهانپور شريف ۾ چورين کي ٻجهو نه اچي سگهيو، وڌندڙ بدامني خلاف شهرين ۽ سول سوسائٽي پاران احتجاجي مظاهرو، سرحد پوليس خلاف سخت ناري بازي، چونڪي انچارج نثار مهر کي فوري هٽائي سندس جاءِ تي ايماندار آفيسر مقرر ڪرڻ ۽ علائقي ۾ امن ڪرائڻ جو مطالبو. خبر موجب سرحد پرسان درگاهه جهانپور شريف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سرحد : وڌندڙ بدامني خلاف شهرين ۽ سول سوسائٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ گمس ستي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت سبب عورت فوت، لاش رکي ڌرڻو

مسمات ايمان خاتون وساڻ آپريشن ٿيٽر ۾ فوت. وارثن پاران لاش اسپتال ۾ رکي احتجاج

مسمات ايمان خاتون وساڻ کي پيٽي جي تڪليف سبب علاج لاءِ ڪٺي آيا هئاسين: وارث

آپريشن ڪندڙ ڊاڪٽر مطابق عورت جو آپريشن هلندڙ هو ته بلڊپريشر گهٽجي ويو هو: ڊاڪٽر

گمبٽ (رپورٽ عبدالحي شيخ) گمبٽ تعلقا اسپتال ۾ 45 سالا پيرسن عورت پيٽي جي آپريشن دوران فوت ڊاڪٽرجي غفلت سبب امڙ فوت ٿئي آهي فوتڻ جو پٽ وارثن لاش ۾ اسپتال ۾ رکي احتجاج ڪرڻ بعد رائيپور قومي شاهراهه بند ڪري ڪيترائي ڪلاڪ احتجاج ڪيو خبرموجب : گمبٽ جي تعلقا اسپتال ۾ رائيپور پرسان الله آباد واسڻ 45 سالا ايمان خاتون ڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊو محمد خان پرسان سردار بشير احمد هاليپوٽو جي ياد ۾ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ

فائنل مئچ ينگ ڪائونٽي ماتلي ۽ نئي نظاماڻي جي ٽيمن جي وچ ۾ کيڏيو ويو

وڏيرو گلزيب ٽيپو رئيس مظفر لغاري غظنفر لغاري رانديگرن ۾ انعام تقسيم ڪيا

ٽنڊو محمد خان (ﭜ مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان پرسان سردار بشير احمد هاليپوٽو جي ياد ۾ لڳايل ڦلڪارا نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائنل مئچ ينگ ڪائونٽي ماتلي ۽ نئي نظاماڻي جي ٽيمن جي وچ ۾ کيڏيو ويو ينگ ڪائونٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪراچي جي نالي واري صحافي نواب عباسي جو چاچو لاڏاڻو ڪري ويو

انجمن اتحاد عباسيان جي جنرل سيڪريٽري عبدالرحيم ڪلهوڙي جو والد فوت ٿي ويو

جنازي نماز جامع مسجد سبحاني نورشاهه پاڙي موراچ ڳوٺ ۾ پڙهي وئي ۽ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي نالي واري صحافي نواب عباسي جو چاچو سياسي سماجي اڳواڻ محمد علي ڪلهوڙو جو ڀاءُ انجمن اتحاد عباسيان پاڪستان ضلعي ڪياماڙي ويسٽ جي جنرل سيڪريٽري عبدالرحيم ڪلهوڙي جو والد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪراچي : ڪراچي جي نالي واري صحافي نواب عباسي جو چاچو لاڏاڻو ڪري ويو

جهمپير ويجهو لطيف چانگ ريلوي اسٽيشن وٽان نوجوان جو لاش پوليس کي هٿ

پنڊ ويندڙ نامعلوم شخص ڪراچي کان ايندڙ هزاره ايڪسپريس جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو

سجاڳپ ٿي ناهي سگهي پوليس لاش ضروري ڪارواي بعد لاوارث جاڻائي ايڌي حوالي ڪيو

جهمپير (رپورٽر)جهمپير ويجهو لطيف چانگ ريلوي اسٽيشن وٽان هڪ نوجوان جو لاش پوليس کي هٿ آيو آهي. انتظاميه موجب ريلوي پٽڙي تان پنڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڏهرڪي لڳ ڪينجهو ٽائي جي حد ۾ اباڻي زمين جي مالڪي جي تڪرار تان ڀائرن ۾ جهيڙو

والد بهار چاچڙ پاران اسان ڀائرن کي وراهست ۾ زمين ۽ شهري پراپرٽي ملي آهي: منير احمد چاچڙ

منهنجا ڀائر ڀائر بشير احمد، عبدالمجيد، رشيد احمد ۽ ڀائٽيا زاهد حسين زيادتيون ڪري رهيا آهن

ڏهرڪي (رپورٽر) ڏهرڪي لڳ ڪينجهو ٽائي جي حد ۾ اباڻي زمين جي مالڪي جي تڪرار تان ڀائر پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا جاني دشمن ٿي پيا آهن. ڪٽڪ جو لاٻارو ڪرائڻ لاءِ زمين تي ٻهتل سندس ساڌا اٺ ايڪڙ زمين تي به قبضو ڪيو ويو آهي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

پرياسٽي پرسان ڳوٺ عثمان سولنگي واسي عورتن توڙي مردن پاران احتجاجي مظاهرو

عورتن توڙي مردن عبدالوحيد سولنگي مير حسن سولنگي شهباز سولنگي احتجاج ڪيو

ايجنٽ زاهد سولنگي پاران گهر تعمير ڪري ڏيارڻ بهاني رشوت طلب ڪرڻ خلاف سخت احتجاج

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پرياسٽي پرسان ڳوٺ عثمان سولنگي واسي عورتن توڙي مردن عبدالوحيد سولنگي مير حسن سولنگي شهباز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهرو فيروز : ڳوٺ عثمان سولنگي واسين پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميرپورخاص انٽرنيشنل ريسڪيو ڪميٽي آئي آر سي پاران آگاهي مهم سيمينار

سيمينار انٽرنيشنل ريسڪيو ڪميٽي طرفان چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر جنيد مرزا پاران شرڪت

فوزيا ناصر، ايڊووڪيٽ ممتاز جروار، نويد ظفر، شوڪت سريوال رمضان علياڻي سدرا اعجاز شريڪ ٿيا

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ميرپورخاص انٽر نيشنل ريسڪيو ڪميٽي آئي آر سي پاران ڳوٺ سائينداد علياڻي ۾ ڳوٺ سطح تي ٻارن جي تحفظ بابت آگاهي مهم سيمينار منعقد ڪيو ويو.سيمينار انٽرنيشنل ريسڪيو ڪميٽي طرفان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ملير ميمڻ ڳوٺ ۾ لڳل بچت بازار اسٽال تي ڪمشنر ڪراچي ۽ ٻيا پهتا، اگهه معلوم ڪيا ويا

ڊي سي ملير عرفان سلام ميرواڻي اسسٽنٽ ڪمشنر مراد ميمڻ دورو ۽ بچت بازار جو جائزو ورتو

مليرجي مختلف ۾ عوام جي لاءِ بچت بازار لڳائي آهي جنهن غريب ماڻهن کي رليف ملي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ملير ميمڻ ڳوٺ ۾ لڳل بچت بازار اسٽال تي ڪمشنر ڪراچي اقبال ميمڻ ڊي سي ملير عرفان سلام ميرواڻي اسسٽنٽ ڪمشنر مراد ميمڻ جو ڳڏيل دورو ۽ بچت بازار جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڪمشنر ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪراچي :ميمڻ ڳوٺ ۾ لڳل بچت بازار اسٽال تي اسسٽنٽ ڪمشنر مراد ميمڻ دورو ڪندي

بدين ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۽ ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ سسٽم مافيا ۾ تبديل

امدادي رقم جي قسط ۽ اسڪولي ٻارن لاءِ آيل ٻن هزارن جي رقم مان به ايڇ بي ايل وارا ڪٽوتي ڪرڻ لڳا

مقامي پوليس گرفتار ٻن ڊوائيز هولڊرن کي گرفتاري هڪ لکروپين جي ڏيتي ليتي تي آزاد ڪري ڇڏيو آهي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۽ ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ سسٽم مافيا ۾ تبديل ٿي ويو آهي بينظير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بدين: ايڇ بي ايل اي ٽي ايم مشين تي مستحق عورتن جي رش ۽ هڪ عورت صحافين سا ڳالهائيندي

دادو جي خواجه سرائن فقيرن پاران اسلم فقير جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

شهر جي هڪ ڪدڙي فقير اسلم علي پنهور جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: فقير حاجي گلزار

70 سال عمر آهي شرافت سان زندگي دادو ۾ گذاري آهي پر هن منهنجي اڇي مٽي جو به خيال نه ڪيو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي خواجه سرائن فقير حاجي گلزار، حاجاڻي نادرا، نوشي، بجلي، ميرا، فقير نظام دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري صحافين آڏو دانهيو ته دادو شهر جي هڪ ڪدڙي فقير اسلم علي پنهور مونڊر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو : خواجه سرائن فقيرن پاران اسلم فقير جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

شيخ پرڪيو ۾ پ پ يوٿ ٽنڊو محمد خان اڳواڻ پاران ٽپيدار جي ناجائزين خلاف احتجاج

پ پ يوٿ ٽنڊو محمد خان اڳواڻ جاويد وساڻ،خالد ملاح، شاهنواز چانڊيو پاران مظاهرو ڪيو ويو

اثر رسوخ رکندڙ ٽپيدار انور ملاح وٽ ديه شيخ پرڪيو ۽ ديه ڏگ موري ٻنهي ديهن جا چارج آهن:مظاهرين

زرعي زمين خريد ڪئي جنهن جي ڪاتي تي صحيحون ڪرڻ لاءِ ٽپيدار مبينا طور رشوت گهري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان (ﭜ مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو ۾ پ پ يوٿ ٽنڊو محمدخان اڳواڻ پاران ٽپيدار جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو ٽپيدار انورملاح تي رشوت طلب ڪرڻ جو الزام مظاهرين پاران ٽپيدار خلاف نا دير ڪاروائي جو مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽنڊو محمد خان : پ پ يوٿ ٽنڊو محمدخان اڳواڻ پاران ٽپيدار جي ناجائزين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽون ديرو ۾ سيپڪو ايل ايس جي شهري کي مارڪٽ، علائقي واسين پاران احتجاجي مظاهرو

رٽائرڊ ملازم ۽ سيپڪو کي باقائدگي سان بجليءَ جا بل جمع ڪرائيندڙ صارف آهيان: گرڌاري لال

مارڪٽ ڪري تذليل ڪئي آهي منهنجي گهر سان بجليءَ جي گذرندڙ تارون هٽائڻ لاءِ داٻا ڏڙڪا ڏنا

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاهه محمود پٽو)سيپڪو ايل ايس جي شهري کي مارڪٽ سيپڪو سب ڊويزن ٺٽون ديرو جي لائين سپريڊنٽ ڪوثر ميراڻي پاران شهري کي مارڪٽ ڪئي وئي آهي تفصيل موجب پوسٽ آفيس پاڙي واسي گرڌاري لال چيو ته مون کي سيپڪو ايل ايس پاران حملو ڪيو ويو آهي متاثر صارف گرڌاري لال ايل ايس ڪوثر ميراڻي خلاف احتجاج ڪيو هن وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

انٽر نيشنل ريسڪيو ڪميٽي طرفان ڳوٺ ريجهه پور ۾ معلوماتي سيمينار منعقد

سيمينار انٽرنيشنل ريسڪيو ڪميٽي طرفان چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر پاران منعقد ڪيو ويو

ابراهيم چانڊيو ڳوٺ شهداد ڪوسو ڳوٺ دل مراد مگسي ۽ ڳوٺ عرضي ناءِ جي مردن شرڪت ڪئي

هيلٿ ڊيپارٽمينٽ طرفان ڊاڪٽر ساجد لغاري صحت بابت آگاهي ڏني،اڳواڻن پاران ريفريشمينٽ پڻ ڏنو ويو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) انٽر نيشنل ريسڪيو ڪميٽي طرفان اڄ ڳوٺ ريجهه پور ۾ معلوماتي سيمينار منعقد ڪيو ويو عنوان ڳوٺ سطح تي ٻارن جي تحفظ بابت آگاهي مهم تالي سيمينار ڪوٺايو ويو . سيمينار انٽرنيشنل ريسڪيو ڪميٽي طرفان چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر محمد طاهر حميد , GBVآفيسر ساجدا ميمڻ سوشل آرگنائيزر حبيب الله ڪولاچي , عشرت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دادو :انٽرنيشنل ريسڪيو ڪميٽي طرفان معلوماتي سيمينار ڳوٺ ريجهه پور ۾ منعقد ڪيو ويو

شيخ پرڪيو پوليس جي ڳوٺ جاڙا واڙ ۾ ڪاروائي نوجوان گرفتار، وارثن جو احتجاجي مظاهرو

نوجوان جي گرفتاري خلاف لغاري برادري جو شيخ پرڪيو ٽائي آڏو ڌرڻو هٽي سخت احتجاج ڪيو

سوين ماڻهن عبدالجبار لغاري , شيراز لغاري , فياض لغاري , فهد لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مظاهرو

ٿاڻي آڏو لغاري برادري جي سخت احتجاج ڪانپوءِ شيخ پرڪيو پوليس نوجوان کي آزاد ڪري ڇڏيو

ٽنڊو محمد خان (ﭜ مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو پوليس جي ڳوٺ جاڙا واڙ ۾ ڪاروائي نوجوان گرفتار _نوجوان جي گرفتاري خلاف لغاري برادري جو شيخ پرڪيو ٿاڻي آڏو ڌرڻو_ سخت احتجاج مظاهرو ڪري ٿاڻي جو گهيراءُ ڪيو ويو ۽ ٿاڻي کي باهيون _ پوليس خلاف سخت نعريبازي_ خبرموجب: شيخ پرڪيو پوليس پاران منشيات خلاف سوشل ميڊيا تي خبرون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

مانجهند ۾ انوکي بچت بازار: دڪاندارن کي 50 هزار ڏنڊ جون ڌمڪيون ڏئي ويهاريو ويو

ڌمڪيون ڏئي هڪ ڪلاڪ بچت بازار ۾ ويهاري صوبائي صلاحڪار جو دورو ڪرايو ويو

ماتحت ملازمن جي معرفت فروٽ سبزي وڪرو ڪندڙ دڪاندارن کي زبردستي پابند ڪيو ويو

مارڪيٽ ۾ فروٽ ۽ سبزي مهانگي ملي ٿي هتي هڪ پٽيوالي کين ڌمڪائي بازار لڳرائي آهي

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ انتظاميا طرفان انوکي بچت بازار دڪاندارن کي پنجاهه هزار ڏنڊ جون ڌمڪيون ڏئي هڪ ڪلاڪ بچت بازار ۾ ويهاري صوبائي صلاحڪار جو دورو ڪرايو ويو تفصيل موجب مانجهند ۾ اسسٽنٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

مانجهند : ڌمڪيون ڏئي هڪ ڪلاڪ بچت بازار ۾ ويهاري صوبائي صلاحڪار جو دورو ڪرايو ويو

دادو ۾ ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جي 3 واردن تي ٿيندڙ ٻيهر ڳڻپ واري فيصلي خلاف احتجاج

14 واردن مان پي ٽي آءِ جا 9 اميدوار ڪامياب ٿيا هئا ۽ هڪ تي شهيد ڀٽو جو اميدوار ڪامياب ٿيو

اليڪشن ڪميشن بدديانتيءَ سان ان جا نتيجا تبديل ڪرڻ لاءِ ٻيهر ڳڻپ جو شيڊول جاري ڪيو آهي

باڪسز اليڪشن ڪميشن ۽ ڊي آر او وٽ هئا ته پوءِ ڪيئن خبر پوي ته بيلٽ باڪسز اندر ڇا ٿيو هوندو؟

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جي 3 واردن تي ٿيندڙ ٻيهر ڳڻپ واري فيصلي خلاف پي ٽي آءِ ضلعي دادو جي صدر سردار عاشق علي زنئور، رفيق احمد پيرزادو، اسد ملاح، ظهير چانڊيو ۽ ٻين ڪارڪنن گڏجي دادو پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي ۾ جانبداري جي باوجود ميونسپل ڪاميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت خاندانن کي ملندڙ پئسن مان ڪٽوتي جو سلسلو جاري

عورتن جي رقم ڪڍي کين لسٽ ۾ نالو نه هجڻ جو چوڻ تان متاثر عورتن ۽ ڊوائيس ايجنٽن ۾ ڇڪتاڻ تيز

مستحق عورتن شهناز، شهربانو، ڪلثوم خاتون، ڪونج، شريفان، فاطمه، نورجهان، ڪزبانو احتجاج ڪيو

عورتن جي رقم ڪيدرائڻ واري الزام تحت ايف آءِ اي هتان گرفتار ٿيا هئا ۽ سندن متان انڪوائريون هلندڙ آهن

نوشهروفيروز (ڊ . ر) نوشهروفيروز ۾ بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام تحت هزارين مستحق خاندانن کي اٿي جي سبسڊي جي لاءِ ملندڙ 2 هزارن واري رقم مان ڊوائيس هولڊرن جو ڪٽوتي ورو عمل جاري سوين عورتن جي رقم ڪڍي کين لسٽ ۾ نالو نه هجڻ جو چوڻ تان متاثر عورتن ۽ ڊوائيس ايجنٽن ۾ منهن ماري متاثر عورتن جو احتجاج خبر موجب سنڌ حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز: بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام تحت خاندانن کي ملندڙ پئسن مان ڪٽوتي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو پاران جيل روڊ لاڙڪاڻي تي لڳايل رمضان بچت بازار جو معائنو

مظهر نواز شيخ کي صدارتي ايوارڊ تمغه ئي شجاعت ملڻ جي خوشي ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

نياز احمد ابڙو، نثار احمد ,ايوان زراعت لاڙڪاڻي جو صدر سيد سراج علي شاهه راشدي شريڪ ٿيا

لاڙڪاڻي پوليس پارٽي سان ڳڏ ڪچي ۾ 70 ڌاڙيل گرفتار ڪيا ۽ 104 مغوي آزاد ڪرايا آهن:اڳواڻ

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاهه محمود پٽو) ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو مظهر نواز شيخ جيل روڊ لاڙڪاڻي تي لڳايل رمضان بچت بازار جو معائنو. تفصيلي خبرمطابق شهري اتحاد ۽ ايوان زراعت لاڙڪاڻو طرفان ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو مظهر نواز شيخ کي صدارتي ايوارڊ تمغه ئي شجاعت ملڻ جي خوشي ۾ ڏنل استقباليه ڪئمپ ۾ ڊي آءِ جي مظهر نواز شيخ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ شاهراهه بينظير تي بطور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

جمعو 31 مارچ 2023ع

سستي حياتي مهانگو اٽو

دنيا هن وقت سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي جهان ۾ وڏيون وڏيون تبديليون آڻي منزلون ماڻي رهي آهي ۽ پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ عوام اٽي لپ لاءِ پريشان لڳو پيو آهي. اهو مفت ۾ ملندڙ اٽي لاءِ ڪاڙهي ۾ سڙي ۽ مري رهيو آهي. هن وقت تائين جتي به اٽي لاءِ قطارون لڳيون آهن، اتي ماڻهن جا لاش ڪريا آهن. اٽو ماڻهن جي زندگيءَ کان به وڌيڪ قيمتي ٿي پيو آهي. جڏهن ته اٽو ڪنهن به انسان لاءِ بنيادي ضرورت آهي، ان کي پورو ڪرڻ يا ان کي سستي اگهه تي پهچائڻ حڪومت جي ذميواري آهي پر هي حڪومت ڪنهن به ريت اٽي جو اگهه سستو ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. نتيجي ۾ ماڻهو رڳو ان انتظار ۾ رهن ٿا ته ڪڏهن سستي اٽي لاءِ قطار لڳي ۽ اهي پيرن هيٺان لتاڙجندي اٽي جو ٿيلهو ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن. اٽي جو بحران گذريل سال کان جيئن شروع ٿيو آهي، اهو وڌي رهيو آهي پر گهٽجڻ جو نالو نٿو وٺي. جنهن ڪري ماڻهو پريشان به آهن ۽ اٽو انهن جي پهچ کان پري ٿيندو پيو وڃي.

پهرين ته اهو تاثر پئي ڏنو ويو ته اٽي جو بحران رڳو سنڌ تائين محدود آهي پر هاڻ اهو پنجاب ۾ به شدت اختيار ڪري ويو آهي. اهڙي بحران ڪان پوءِ پنجاب جي شهرن ۾ به شهري قطار ۾ بيهي اٽو خريد ڪري رهيا آهن ۽ اٽي اٽي لاءِ آيل ماڻهن جا لاش ڪري رهيا آهن. پر چا اهڙي صورتحال ۾ به حڪومت عوام کي ڪو رليف ڏيڻ لاءِ تيار آهي. اها عوام کي سستي اٽي جي فراهمي آسانيءَ سان ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هن وقت تائين ته ائين لڳي رهيو آهي ته حڪومت نه ته سستي اٽي جي فراهمي ممڪن بڻائڻ لاءِ تيار آهي نه ئي اهي امڪان آهن ته مستقبل ۾ اٽو سستو به ٿيندو. هڪ عام ماڻهو لاءِ وڏي ۾ وڏي عياشي اٽي واري ماني آهي پر حڪومت ته اهو گرهه به ان کان ڦري ورتو آهي. عوام کي ٻيون ته ڪيترين ئي سهولتون ڪونه مليل آهن پر سستي اٽي واري سهولت به ڦرجي وئي آهي. جنهن جي ڪري نه رڳو عوام پريشان حال آهي پر حڪومت ان تي رحم ڪائڻ لاءِ تيار ڪونهي. جنهن ڪري نه رڳو عوام جي مالي حالت خراب ٿي رهي آهي پر اهو ان ڳالهه تي پريشان آهي ته ڪٽڪ پيدا ڪندڙ ملڪ اٽي جي بحران کي حل ڇو ڪونه پيو ڪري سگهي. پنجاب ۾ به صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي آهي.

حڪومت طرفان مفت اٽي جي ورهاست دوران مختلف واقعن ۾ وڌيڪ به عورتون حياتي وڃائي ويٺيون. ريسڪيو ذريعن موجب ساهيوال جي نواز شريف پارڪ ۾ مفت اٽي جي ورهاست دوران ڀاڄ پئجي وئي، جنهن ۾ 19 عورتون زخمي ٿيون، جن کي فوري طور طبي امداد لاءِ اسپتال نيو ويو. ريسڪيو ذريعن جو چوڻ آهي ته واقعي ۾ هڪ عورت فوت ٿي وئي. هوڏانهن جهانيان شهر ۾ به مفت اٽي جي ورهاست دوران بدنظمي نظر آئي ۽ ڀاڄ ۾ به عورتون بيهوش ٿي ويون، جن کي اسپتال پهچايو ويو. جتي علاج دوران هڪ عورت دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي وئي. جيڪڏهن اٽي جي فراهمي سبب عورتون جون حياتيون وڃائجي رهيون آهن ته اهڙو اٽو انساني جانين جي قيمت تي ملي رهيو آهي، جنهن کي ڪنهن به ريت نه وٺڻ گهرجي. ڇا حڪومت ۾ ايتري اهليت ناهي جو اها مفت اٽو فراهم ڪرڻ جو بندوبست ته ڪري رهي آهي پر اها دڪانن تي سستو اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. جيڪڏهن اها واقعي به سستو اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي ته پوءِ اها ڪنهن به ريت عوام جو ڀلو نٿي چاهي. دڪان ۽ چڪي وارن جي هڪ هٽي سبب جيڪا صورتحال پيدا ٿي آهي، ان مان ائين لڳي رهيو آهي ته اٽو عوام کي سستو ملي نه سگهندو ۽ اهو قطارن ۾ لڳي مارجي ويندو.

اسين سمجهون ٿا ته اٽي جي حوالي سان صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي آهي ۽ ماڻهو پڻ پريشان لڳا پيا آهن. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مفت اٽي جي فراهم جو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي ۽ دڪانن کان وٺي اٽي وارين چڪين تائين عوام کي سستو اٽو ڏيڻ جو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن عوام جي حياتي ته بچي سگهي ٿي. گهٽ ۾ گهٽ اهو مرڻ کان بچي ويندو. دنيا پاڪستان تي کلون ڪندي هوندي ته هڪ ائٽمي طاقت واري ملڪ وٽ کائڻ لاءِ اٽو ڪونهي ۽ ان جو عوام دربدر ٿي رهيو آهي. ان ڪري سستي اٽي جي فراهمي هر شهر ۽ هر هنڌ يقيني بڻائڻ وڃي ته جيئن عوام هڪٻئي جي پيرن هيٺان لتاڙجڻ کان بچي وڃي.

عورت ۽ سماج

قاضي جي ايم

اسان کي ڪهڙو خيال انسان ڪري ٿو؟ سولي سنڌيءَ ۾ اسان کي تهذيب جو در ان لقاءَ جي ساڄاهه ڏي ٿو ته انسان هڪ تهذيب جي دائري ۾ رهڻ واري مخلوق آهي، جيڪا ڪجهه اصولن تحت ارتقائي عمل مان گذري ان مقام تي پهتي آهي. انساني سماج جي تاريخ گهڻي پراڻي ناهي. جيتري ڪائنات جي عمر آهي، انهي جي ڀيٽ ۾ انساني سماج کي ڪجهه سيڪنڊ ۾ ئي ڳڻي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته انساني تهذيب کي ڏهه هزار سال به مڪمل ٿي نه سگهيا آهن.

هن وقت تائين انسان جي اجتماعي ترقي هڪ گڏيل طور جدوجهد جو نتيجو آهي، جنهن ۾ مرد ۽ عورت پنهي ٻانهن ٻيلي ٿي انساني سماج کي ايڪيهن صديءَ جي راهن ۾ هڪ اهڙو مقام ڏنو آهي جيڪو حيرت انگيز آهي پر انهيءَ سان گڏ هڪ فطرت ۾ اهڙو انقلاب جيڪو ڪائنات ۾ انساني مخلوق جهڙو پيو ليڻ (موجود صورتحال) ۾ ڏاڍو ڳنڀير آهي.

تهذيب جا پيمانا وسيع آهن. جنهن جو ڪاٿو هڪ خيال جي بنياد تي نٿو ڪري سگهجي. انساني سماج جي هزارين سالن جي ارتقائي مرحلن جو تهذيب هڪ اعليٰ ڳڻ آهي. جيڪو انساني سماج کي هلائڻ ۾ اهميت رکي ٿو.

عورت جي وصف ۽ عورت ڏانهن هر سماج هاڻي مختلف زاويو رکي ٿو. عورتن جي حقن جي تحريڪ تهذيب ۽ فڪر جي آزاديءَ ۾ تاريخ جي اولي حصي کان انساني سماج جي اوسر ۾ جدوجهد جو حصو رهي آهي.

جنهن ۾ عورت ڪيترين حالتن کي منهن ڏيندي پنهنجي جاءِ ڪجهه خاص سماجن ۾ هڪ انسان هئڻ جي ناتي ناهي آهي. قدامت پسند، دقيانوسي ريتن رسمن جي پيروي ڪندڙ سماجن جي تاريخ ۾ عورت کي هڪ جنسي تفريح ۽ ٻار پيدا ڪندڙ مشينري طور استعمال ڪيو ويو آهي جنهن ۾ عورت اڪيون هوندي به نابين ڪئي وئي. عورت کي ڪن هوندي به ٻوڙي ٿي رهڻ جي هدايت ڪئي وئي. زبان هوندي گونگي ٿي رهڻ وارو رويو مڙهيو وڃي ته جيئن عورت هڪ اهڙي سڃاڻپ پنهنجي ذهن ۾ پاڻ لاءِ جوڙي سگهي. اهو پدرشاهي نظام ۾ سست ٿي اهو ئي ڪم ڪري جيڪو گهڻي پاڳي سنڌ جي ڳوٺن ۾ عورتون ڪن ٿيون يعني labor work جنهن ۾ ان کي "غيرت" جي نالي تي پابند ڪري اٽي رکيو وڃي ٿو جنهن کي ٻاهرين شهري دنيا جي حسرت هضم ٿيڻ کان اڳ ئي پيٽ ۾ تڪليف ڏئي ڇڏي ٿي يعني اها مرد جي قبضي ۾ رهي ٿي. مون ذاتي طور سوين ڳوٺائي پڙهيل لکيل عورتن ۽ اڻ پڙهيل عورتن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي. مون کي نفسياتي اعتبار کان اهي عورتون احساس ڪمتري جو شڪار لڳيون. اهو منهنجو مفروضو ناهي بلڪ گهڻين عورتن جا پنهنجي بياني ۾ اعتراف ڪندي اهي لفظ هئا "ڇا ڪريون مرد اسان کي اجازت نٿا ڏين." اهو جملو اوهان

لساني اعتبار کان فقط ڪجهه لفظن جو جوڙ لڳندو پر اها هڪ مرد جي جبري ذهنيت جي وصف ۽ عورت جي خاموشي جو طويل داستان آهي.

انساني جبر جي تاريخ ۾ عورت تي جبر ۽ ظلم جي تاريخ تي جيترو لکجي اوترو گهٽ آهي. يقيني ڪجهه حالتن جي جبر ۾ ڪٿي عورت مضبوط به رهي آهي. ڪٿي عورت جو به غلبو هوندو پر گهڻي پاڳي انگ اکر جيڪڏهن گڏ ڪيا وڃن ته عورت مجموعي طور مرد جي غلام هيٺ رهي آهي. هتي "غلام" لفظ جي پس منظر مختلف ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته غلامي جي وصف انتهائي گهيري آهي. فرد ريتن جو غلام هوندو آهي. فرد پنهنجي ابن ڏاڏن طرفان مليل انهن دقيانوسي لاڙن ۽ رسمن جو به غلام هوندو آهي، جنهن کي نه چاهيندي قبول ڪرڻو پوندو آهي. اهڙي ريت عورت پنهنجي نه چاهيندي به مرد جي سرپرستي ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو. ان جا سبب اسان کي anthropological perspective ۾ ڏسڻا پوندا. ڇاڪاڻ ته هر سماج جي رهڻي ڪهڻي مختلف رهي آهي. ريت، رسم رنگ نسل، مذهب ۽ عقيدا عورت جي سڃاڻپ ۽ عورت سان جيڪو ظلم ٿيو آهي، ان تي سڌي ريت اثر انداز رهيا آهن. مرد بنيادي طور طاقت جو بڪايل رهيو آهي. اهو خيال اسان حياتياتي اعتبار کان ڏسون ته باقي species جا نر جانور مادي جانور تي غالب رويو رکندي ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

ڊارون جو اهو خيال انتهائي اهم آهي، جنهن پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب The decent of man ۾ ڪيو ته بنيادي طور اسان جي خاصيتن ۽ باقي جانورن ۾ ڪو گهڻو فرق ناهي. پر جيئن انسان شهر ۽ سماج ناهيا ۽ تهذيب جي شروعات ڪئي ته ان پنهنجي پاڻ کي نئين انداز سان پيش ڪيو ۽ سهپ سلسلو ارتقائي عمل مان گذريو آهي. جيئن جسم ارتقا ڪئي اهڙي ريت ذهن به ارتقا ڪئي آهي.

ايشا سمورن مذهبن جي پيداوار وارو ڪند رهيو آهي. اولهه جي سماج دنيا کي جمهوريت، سياست، رياست، سيڪيولرزم، سوشلزم، ڪميونزم، فيمنزم، ريشنلزم، اپريسزم ۽ گهڻ ئي ترقي پسند فڪرن سان نوازيو. سمورن انساني حقن جي جوڙجڪ liberal paradigm کان شروع ٿي. استحصال جي نئين شڪل ۽ معيشت کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکڻ انتهائي چست Manipulative standard به مغربي محرڪ آهي پر مغرب جي ترقيءَ جو راز عورت جي خودمختياري ۽ عورت کي هر شعبي ۾ جاءِ ڏيڻ وارو رويو سيني روين تي حاوي لڳي ٿو. صنعتي انقلاب ۾ عورتون مرد جيان اپري اڳيان وڌيون. مارڪس واحد فلسفي هو جنهن عورت کي اهي حق ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي جيڪا مرد پاڻ وٽ سانڍي رکي ٿو. شوينهار پنهنجي ماءُ سان به ڪونه نڀيو. نٽشي عشق جي ٻيڙي ٻڏڻ کان پوءِ عورت جي معاملي ۾ خردماغ ٿي ويو. جيئن مرد مڪار ۽ دوکي باز ٿين ٿا. اهڙي عورت به ٿي سگهي ٿي. اها ڪنهن ٻئي سياري جي مخلوق ناهي. پر ڪجهه خاص تجربن جي ڪري عورت تي اهو موقف رکڻ ته اها ڏائڻ آهي ته اها حماقت هوندي.

عورت ڇا آهي؟ سماجي اعتبار کان هڪ انسان جيئن مرد هڪ انسان آهي. منهنجي اها هرگز سوچ ناهي ته عورت ڪا اتم مخلوق آهي. عورت نه ڪمتر نه بالادست آهي. عورت انسان جيان هڪ حيثيت رکي ٿي. جيئن هڪ مرد ڪريٽ ۽ ظالم ٿي سگهي ٿو، اهڙي ريت عورت به ٿي سگهي ٿي. جيئن مرد هڪ بهترين ۽ لائق انسان تي ڪجهه نئون ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو، اهڙي ريت هڪ عورت به اها سگهه رکي ٿي اها هڪ بهترين فرد ٿي سماجي ڪارج ۾ اها ساڳي انسان جيان حيثيت رکي ٿي. جنسي طور ذلزيل سماج جيڪي پنهنجي پاڻ ۾ پاٽيرا گهٽ جذباتي طور سطحي هوندا آهن. انهن وٽ ڪمتري ۽ بالادستي جهڙا رويا فقط پنهنجي سڃاڻپ کي قابو ڪرڻ ۾ رذل هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته انهن وٽ تخليقي ۽ تنقيدي ۽ اعليٰ ڳڻ جو علم گهٽ ۽ تنگ نظر ڄڻڪو ماحول هجڻ سبب اتي جا مرد يا ڇئجي ته غالب فرد پنهنجي تعصب، ناڪامين جي باهه ڪمزور تي ڪڍڻ جا قائل هوندا آهن.

ممڪن آهي قدامت پرست سماج جو مرد عورت کي نيچ ڪري ان کي گهر ۾ قيد ڪري ان کي second entity جيان ڏسي يا ان گمراه ڪري. اهو تاثر ڏئي ته تون فقط بند ڪوٺي جو ڏيک آهين. ان عمل سان ان اجتماعي نفسياتي بيماريءَ کي ڪا رسمي روايتي نالي سان ان کي خوشي ملندي هجي پر اهڙي خوشي تڪي جي به نٿي ٿي سگهي، جيڪا عورت کي ڪمزور ۽ قابو ڪري مرد پنهنجي پاڻ کي وڏو سمجهي اڳيان اتم پيش ڪري.

تنهنڪري اڄو ته تنگ نظر سوچ کي شڪست ڏئي پنهنجي هلڪي انا کي هڪ پاسي رکي فقط اهو خيال ڪريون ته عورت سماجي طور هڪ انسان آهي. عورت هڪ انسان آهي، نه ئي ڪا جنسي تسڪين جي commodity نه ئي وري ڪا مرد جي جبلتي جزن جي شڪاري. پر هڪ انسان اها اسان جي ماءُ، ڀيڻ، زال دوست، دشمن ۽ محبوب جي روپ ۾ ٿي سگهي ٿي. جيتري آزادي ۽ خودمختياري اسين پنهنجي پاڻ کي ڏيڻ جا قائل آهيون جيتري بهتر زندگي گذارڻ جا اسين پاڻ وڏي واڪي مستحق آهيون، ايتري اسين عورت کي به ڏئي ڏسون ته اسين هڪ بهتر سماج جوڙي سگهون ٿا، جيڪو جنس، رنگ نسل ۽ ڪنهن به متيبد کان مٿانهون ٿي ماڻهو جي اصلي صلاحيتن ۽ لياقتن جي رهنمائي ڪندو. اڄو ته عشق پرستي کي ڇڏي عورت جي برابري جي بنياد تي حق ڏيڻ واري سوچ رکون. اڄو ته عورت کي مرد وانگر انسان سمجهون. اڄو ته عورت جي جنس کان مٿاهون ٿي عزت ڪريون. اڄو ته عورت کي گڏيل مفادن خاطر هڪ جيترو درجو ڏيون.

صوفي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ:
بازي بازِندنِ کي، آهي اَويسارَ:
پِريا سين پَهڪارَ، رِنڌيءَ رَساڻي ڪيا

مهانگائي پويان ڪهڙي ڪهاڻي آهي؟

راشد لغاري

پوري پاڪستان ۾ شروع ٿيل اقتصادي ۽ معاشي بحران هن وقت مهانگائي جي صورت ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي. جيتوڻيڪ واپارين ۽ دڪاندارن لاءِ سستي اگهه تي روزه مره جي شين جا اگهه طئي ڪرڻ لاءِ آرڊيننس به آندو ويو آهي جنهن تحت حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ پ پ حڪومت پنهنجي چرنديل نمائندن کي نگران طور به ذميواري سونپي آهي. جنهن ۾ عبدالجبار خان، صغير قريشي ۽ ٻيا انتظاميه سان گڏ بازارن جو چڪر به لڳائين ٿا. ڇاپن جي باوجود مهانگائي ختم نه ٿي سگهي آهي. جنهن ۾ عوام سخت پيڙهجي رهيو آهي. عوام کي رليف ڏيڻ واري دعوا به اڌوري نظر اچي رهي آهي.

حيدرآباد ۾ شروع ٿيل اٽي جو بحران:

حيدرآباد ۾ ضلعي انتظاميه ۽ حڪومت طرفان ملندڙ سرڪاري اگهه وارو اٽو عوام کي ملڻ بند ٿي ويو آهي. هن وقت رمضان جي مهيني ۾ ڪٿي ڪٿي سرڪاري اسٽال لڳائي اٽو ڏنو پيو وڃي. حيدرآباد ۾ آٽا چڪي مالڪن ۽ دڪاندارن اٽي جي سرڪاري اگهه 105 روپيا کي بند ڪري نئين اگهه مطابق اٽو وڪرو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو 140 روپين کان 145 روپيا في ڪلو وڪرو ڪيو پيو وڃي. جنهن سان ڏهاڙيدار طبقو ۽ عوام وڌيڪ پريشان ٿي ويو آهي. آٽا چڪي مالڪن، دڪاندارن ۽ مارٽ مالڪن اٽي جون من پسند قيمتون مقرر ڪري ڇڏيون آهن. آٽا چڪي مالڪن موجب ته اڳ ۾ اٽي جو في ڪلو سرڪاري اگهه 105 روپيا مقرر ڪيو ويو هو جڏهن ته سرڪار ۽ ضلعي انتظاميه نئين ڪڻڪ جي خريداري سبب سرڪاري اگهه واري اٽي جا اسٽال 10 مارچ کان بند ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن ته ريٽيلر 105 روپيا في ڪلو جي ريت سان وري چڪين کي ڪڻڪ 85 روپيا في ڪلو ڏني پئي وڃي. تازو 110 ڪڻڪ جي قيمت مقرر ٿيڻ بعد 22 روپين جي پسائي جي حساب سان اٽي في ڪلو جي قيمت 132 قيمت چڪي تي مقرر ٿيل آهي. جڏهن ته دڪاندار وري اٽو 140 کان 145 روپيا في ڪلو جي اگهه سان وڪرو ڪري رهيا آهن.

سنڌ حڪومت ڪڻڪ جو في مڻ 4 هزار روپيا مقرر ڪيو آهي. آبادگارن کان خوراڪ کاتو ۽ واپاري ڪڻڪ 4 هزار روپيا في مڻ خريد ڪري رهيا آهن. جتي 4200 روپيا به وڪرو ڪئي پئي وڃي. آبادگارن کان حڪومت 100 ڪلو جي ٻوري ڪڻڪ 10 هزار ۾ خريد ڪري رهي آهي. جڏهن ته واپاري وري 11 هزار ۾ 100 ڪلو خريد ڪري رهيا آهن. جنهن ۾ ڪڻڪ واپاري ۽ خود چڪي مالڪ خريد ڪري جمع پڻ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. حڪومت ۽ خوراڪ کاتي جي لاپرواهي سبب اٽي جي اگهه ۾ ٻيهر واڌ ٿيڻ جا امڪان وڌي ويا آهن. ان ڪري ڪڻڪ جي قيمت وڌڻ سان وري اهو اٽو في ڪلو اچا مهانگو ٿيندو ڇاڪاڻ ته حڪومت گذريل سال ڪڻڪ جو في مڻ 22 سئو روپيا اگهه مقرر ڪيو هو جيڪا ڪڻڪ ساڍا 5 هزار کان 6 هزار روپيا مڻ به وڪرو ڪئي پئي وڃي. ان ڪري هاڻ اٽو ايندڙ وقت ۾ مهانگو ٿي ٿيندو رهندو. سستي اٽي جو خواب هاڻ ڪڏهن به ساڀيان نه ٿي سگهندو.

حيدرآباد ۾ ڀاڄين، فروٽ ۽ کاڌي پيتي جي سامان جو اگهه آسمان تي پهتل هوندو آهي. دڪاندار ۽ واپاري ضلعي انتظاميه طرفان جاري ڪيل شين جي سرڪاري لسٽ تي عمل نٿا ڪن. شهر ۾ ڪڪڙ جو گوشت في ڪلو 6 سئو کان ساڍا ڇهه سئو ۾ وڪرو ڪيو پيو وڃي. جتي ڪڪڙ جي گوشت جي في ڪلو جي سرڪاري قيمت 5 سو 45 روپيا آهي. ٻيسڻ جي بي قسم جي سرڪاري قيمت 185 روپيا مقرر ڪئي وئي آهي. جيڪو پوڻا 3 سئو روپيا وڪرو ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته اي نمبر ٻيسڻ جي سرڪاري قيمت 300 سئو روپيا آهي. جيڪو وري 600 روپيا في ڪو وڪرو ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته دالين ۽ ڀاڄين جا اگهه پڻ جوٽ چڙهي ويا آهن. اهڙي ريت ڪيلا درجن 200 کان 300 روپيا وڪرو ڪيا پيا وڃن. ڪجي 500 روپيا، اسٽابري 500 روپيا، ڀاڄين ۾ دڪاندار پٽاٽا 50 روپيا، بصر 120 روپيا، ميها 200 روپيا، ڪريلا 100 روپيا واڱڻ 50 روپيا، ڀينڊي 150 روپيا، گجر 60 روپيا، توري 120 روپيا، 150 روپيا، ٽماٽو اگهن 100 روپين جي حساب سان وڪرو ڪن پيا. بند گوبي 80 روپيا ساوا مرچ 100 روپيا، چانور 270 روپيا، گيهه 550 روپيا مقرر ڪيل آهن. سرڪاري لسٽ موجب ٽماٽو 70 کان 50 روپيا، بصر 80 روپيا، ڀينڊي 60 روپيا، بند گوبي 30 روپيا، ميها 140 روپيا، پالڪ 25 روپيا، توري 80 روپيا، پٽاٽا 40 روپيا ڪلو اگهه مقرر ڪيل آهي. جنهن تي دڪاندار عمل به نٿا ڪن سرڪاري لسٽ تي عمل ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميه تعلقن جا اي سيز ۽ مختيارڪار پوليس جي مدد روز جي بنياد تي ڇاپا به هڻن ٿا. حيدرآباد ۾ هفتو اڳ وڌ کان وڌ 8 لک روپيا ڏنڊ دڪاندارن تي هنيو ويو آهي. جنهن کان پوءِ ڏنڊ لڳڻ جو سلسلو جاري آهي. جيڪو لکن نه پر هزارن ۾ آهي. حيدرآباد ۾ 6 هزار کان به مٿي دڪاندار هوندا آهن جن تي اها سختي لاڳو ڪئي وڃي ته الائي ڪيترن ماڻهن کي سستين شين جو رليف ملي سگهندو.

ڪراچي ۾ چيف سيڪريٽري سهيل احمد راجپوت جي سربراهي ۾ مهانگائي ڪندڙ دڪاندارن خلاف اعليٰ سطحي اجلاس ڪوٺايو ويو هو. جنهن ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ جي سمورن ضلعن جي ڊي سيز، زراعت ۽ ليبر کاتي جي عملدارن کي حڪم ڏنو ته منافع خوري خلاف نئين آرڊيننس تحت ڪارروائي عمل ۾ آڻي دڪانن ۽ مارڪيٽ ۾ ڇاپا هنيا وڃن. جيڪو منافع خوري ڪري ته لک روپيا ڏنڊ هڻي مهيني لاءِ دڪان کي سيل ڪري دڪان ۾ پيل سامان سرڪاري اگهه تي نيلام ڪيو وڃي. ان ڏس ۾ حيدرآباد ۾ ضلعي انتظاميه پهرين ڏينهن تي پنهنجي ڀرپور ڪارڪردگي ڏيکاري هئي. جنهن دوران اهو ڏنڊ هڻڻ جو سلسلو به هجڻ جي برابر آهي. حيدرآباد سميت پوري سنڌ ۾ ماڻهو کاڌي پيتي جي شين جي مهانگي اگهه سبب ٻن ويلن لاءِ به پريشان آهن. سستي اٽي جي خريداري واري ڊڪ ڊوڙ ۾ عورتن ۽ مردن جي فوت ٿيڻ جا ڪيس به سامهون اچي رهيا آهن. ان ڪري سماج ۾ ماڻهن کي ذلت ڏيڻ بدران عزت ڀري زندگي ڏيڻ هن رياست ۽ حڪومتي ادارن جي ذميواري آهي. حڪومت طرفان لڳايل بچت بازارن سان به عوام مطمئن نظر نٿو اچي. بچت بازارن ۾ کاڌي پيتي لاءِ گهڻيون شيون به اڻلڀ نظر اچن ٿيون. جنهن ڪري ماڻهن کي هڪ تڪليف مان به گذرڻو پوندو آهي. ان ڪري بچت بازار ۾ به اٽي، گيهه، چانورن ۽ مصالن جا اسٽال هجڻ ضروري آهي. ضلعي انتظاميه چاهي ته ڪجهه ضروري شين تي سبسڊي به ڏئي سگهي ٿي.

بقايا سنڌيار 01

عبدالغفار ڏيٿو مبين راڄپر اصغر مورو تهميز وسڻ ۽ ارشاد مورو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب نوشهروفيروز اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ۾ سوين استادن جي شرڪت. سنڌ سرڪار ۽ تعليم کاتي خلاف سخت نعريبازي، احتجاج جي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پرائمري سطح تي تعليم ڏيندڙ ارڙهن سالن جو تجربو رکندڙ استادن کي پڪو ڪرڻ بدران فقط پگهار ۾ معمولي اضافو ڪري نه ڪين اسڪيل ڏنو ويو آهي نه وري ڪين پرائمري استادن ۽ سرڪاري ملازمن واريون مراعتون ڏنيون ويون آهن ان ڪانسواءِ استادن کي پينشن کان پڻ محروم رکيو ويو آهي رٽائرمنٽ جي عمر کان هٽي ڪري استادن جي عمر 55 سال ٿيڻ شرط ڪين نوڪري مان نيڪالي ڏني ويندي جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هنن وڌيڪ چيو ته اسان جو گذريل ٽن مهينن کان پگهار بند آهي جڏهن ته مهانگائي جي سبب ڪافي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهيون رمضان شريف هلندڙ آهي ۽ عيدالفطر به ويجهو آهي اسان کي به گهر ٻار آهن انهن کي به عيد جي خوشين جو حق آهي هنن وزيراعليٰ سنڌ، وزيرتعليم سردار شاه سيڪريٽري تعليم غلام اڪبر لغاري پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ سمورن ارباب اختيار کان مطالبو ڪندي چيو ته اين سي ايڇ ڊي ۽ بيڪس استادن کي جلد کان جلد اسڪيل ڏئي پرسنل آئيڊي ذريعي هر مهيني پگهار ڏني وڃي سرڪاري ملازمن واريون مراعتون. پينشن جو حق ڏنو وڃي ايندڙ بجيٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50٪ پگهار ۾ اضافو ڪيو وڃي ۽ 55 سال رٽائرمنٽ واري پاليسي تي نظرثاني ڪري رٽائرمينٽ جي حد ٻين ملازمن وانگر 60 سال ڪئي وڃي انڪانسواءِ استادن جي رهيل ٽن مهينن جي پگهار حڪومت جي فيصلي موجب 5 سيڪڙو جي اضافي سان جلد جاري ڪري استادن کي عيد کان اڳ پگهار ڏني وڃي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن اسان جا مطالبا نه مڃيا ويا ته جلد ڪراچي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ لڳائي وزير اعليٰ هائوس ۽ گورنر هائوس اڳيان ڌرڻو هڻي پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ پرامن ۽ پرزور احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويندو

بقايا سنڌيار 02

ٽاس کٽي پهريان بيٽنگ جو فيصلو ڪيو مقرر 8 اوورن ۾ 129 رنسن جو ٽارگيٽ ڏنو جوابي بيٽنگ ڪندي ينگ ڪائونٽي ماتلي مقرر ٽارگيٽ 7 اوور ۾ پورو ڪري ورتو بهترين بيٽنگ ڪرڻ تي اوباما کي مين آف دي ميچ ڏنو ويو جڏهن ته مهمان خاص حاجي هاشم سهتو ناميارو قانوندان ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري خان محمد هاليپوٽو آفتاب ڪريم سهتو وڏيرو گلزيب ٽيپو رئيس مظفر لغاري غضنفر لغاري رانديگرن ۾ انعام تقسيم ڪيا جڏهن ته ونر ٽيم 50000 هزار ڪيش ۽ رنر ٽيم کي 25000 هزار ڪيش ۽ ٽرافيون ۽ شيلڊ ڏنيون آخر ۾ ٽورنامينٽ جي آرگنائيزرن انجنيئر شاهنواز درس ڏاڏا قبير سهتو دانش مزاري حفيظ شاه رجب سولنگي وسيم لغاري مسلم لغاري آيل مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا

بقايا سنڌيار 03

تپيدار خلاف ڪاروائي نه ٿي ته ڊي آفيس آڏو ڌرڻو هڻنداسين جاويد وساڻ خبر موجب شيخ پرڪيو ۾ ٽ پ يوٽ ٽنڊو محمد خان اڳواڻ جاويد وساڻ،خالد ملاح، شاهنواز چانڊيو حاڪم ملاح ۽ ٻين پاران ديه شيخ پرڪيو جي تپيدار انور ملاح جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا آڏو دانهيندي الزام هنيو ته سياسي اثر رسوخ رکندڙ تپيدار انور ملاح وٽ ديه شيخ پرڪيو ۽ ديه ڏگ موري ٻنهي ديهن جا چارج آهن ٻنهي ديهن ۾ رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي جائز ڪم لاءِ به رشوت گهري رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته ٻنهين ديهن جي چارج هٽڻ باوجود آفيس ۾ ويهڻ لاءِ تيار نه آهي ان موقعي تي ٽ پ يوٽ ٽنڊو محمد خان اڳواڻ جاويد وساڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته مون ديه شيخ پرڪيو ۾ زرعي زمين خريد ڪئي جنهن جي ڪاتي تي صحيحعون ڪرڻ لاءِ تپيدار مبينا طور رشوت گهري رهيو آهي نه ڏيڻ جي صورت ۾ گذريل ٻارهن مهينن کان مونکي پريشان ڪري رهيو آهي جنهنجي شڪايت مختيارڪار ٽنڊو محمدخان کي پڻ ڪئي پر سياسي پٺڀرائي سبب مختيارڪار جي چوڻ باوجود نائر ڪر ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هنن وڌيڪ چيو ته نااهل راشي تپيدار شيخ پرڪيو انور ملاح معطل ڪري ايماندار تپيدار مقرر ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ ڊي سي ٽنڊو محمدخان آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو جيڪو ڪرپٽ تپيدار جي معطلي تائين جاري رهندو

بقايا سنڌيار 04

ڪرڙل خان ڪلهوڙو ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز جامع مسجد سبحاني نورشا پاڙي مواچ ڳوٺ ۾ پڙهي وئي ۽ مڙهه نورشا قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جنازي ۾ سياسي سماجي ڪاروباري ڌرين سميت صحافي برادري ۽ عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته پوئيرن سان مواچ ڳوٺ جي نورشا پاڙي ۾ تعزيت جو سلسلو پڻ هلندڙ آهي

بقايا سنڌيار 05

چيو ته آئون صحت کاتي جو رٽائرڊ ملازم ۽ سيپڪو کي باقائدگي سان بجليءَ جا بل جمع ڪرائيندڙ صارف آهيان ۽ سيپڪو جي ذميوار عملدار لائين سپريڊنٽنٽ ڪوثر ميراڻي مون مٿان حملو ڪري مارڪٽ ڪري تذليل ڪئي آهي منهنجي گهر سان بجليءَ جي گذرندڙ تارون هٽائڻ لاءِ دايا دڙڪا ڏنا جنهن تي مون ڪيس چيو ته جنهن جون به تارون آهن آهي صاف ڪرڻ توهان سيپڪو ملازمن جو ڪم آهي جنهن تي هو منهنجي مٿان مڇرجي پيو ايل ايس شهر ۾ هٿ سان بجلي جي چوري ڪرائي رهيو آهي جنهن تان لکين روپيه اوڳاڙي ڪري ڪک پتي مان لک پتي بڻجي ويو آهي جنهن جي انڪوائري ڪرائي وڃي سيپڪو ايل ايس ڪوثر ميراڻي کي هڪدم هٽائي سنڌس جي ڪرپشن جي شفاف انڪوائري ڪري مون مٿان ڪيل حملي جو مقدمو ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ هن اعليٰ انتظاميا کي اپيل ڪئي ته مون سان انصاف ڪريو وڃي ۽ هن ايل ايس ڪوثر ميراڻي کي سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 06

پي اي سيد قطب شا. چيئرمين يوسي 2 جمشيد علي. وائيس چيئرمين سڪندر علي سرگاڻي بلوچ پنهنجي گڏيل جاري بيان ۾ چيو آهي ته گئس عملدارن طرفان رمضان ۾ ڏنل شيڊول مطابق به گئس فراهمي بند رهي ٿي جنهن ڪري گهرن اندر سحري ۽ افطاري به تيار نه ٿي سگهي ماڻهو مجبور ٿي هوٽلن جو رخ ڪن ٿا سندن وڌيڪ چوڻ هو ته هن بدترين مهانگائي واري ۾ ٻاهران ڪاڌو خريد ڪرڻ به تمام مشڪل بڻجي ويو آهي پر لاچاري سبب ماڻهو هوٽلن تان ڪاڌو وٺن پيا هن سوئي سدرن گئس ڪمپني جي اختيارن کان گهر ڪئي آهي ته گلزار هجري اسڪيم 33 ۾ گئس جي بند جو نوٽيس وٺي گئس جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ٻئي صورت ۾ جماعت اسلامي پبلڪ ايڊ ڪاميٽي ضلعي اوپر طرفان گئس آفس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا سنڌيار 07

ويندڙ نامعلوم شخص ڪراچي کان ايندڙ هزاره ايڪسپريس جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو آهي، جنهن جي سڃاڻپ ٿي ناهي سگهي، حد جي پوليس لاش ضروري ڪاروائي بعد لاوارث جاتائي ايڌهي وارن حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 08

مختلف طريقن سان تنگ ڪري زمين قبضائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هنن چيو ته اسان محنت مزدوري ڪري هن زمين تي پنهنجا گهر ناهيا آهن ۽ مزدوري ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالي رهيا آهيون پر قبضا مافيا اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، هنن چيو ته اسان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور کان وٺي پيپلز پارٽي جا ڪارڪن آهيون ۽ اسان جون هن پارٽي لاءِ ڪوڙ قربانيون آهن علي بخش ڳوٺ جي رهواسين پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وڏي وزير سيد مراد علي شاه ڊي جي رينجرز سنڌ، آءِ جي سنڌ ۽ ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته جاتايل قبضا مافيائن ۽ سندن ساٿارين خلاف ڪاروائي ڪري ڳوٺاڻن کي تحفظ ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 09

. ان ڏس ۾ ڏهرڪي واسي منير احمد چاچڙ دانهيندي چيو آهي ته سنڌس والد بهار چاچڙ پاران اسان پاڻن کي ورهاست ۾ زمين ۽ شهري پراپرٽي ملي جيڪا اسان جو والد صاحب پنهنجي حياتي ۾ پاڻن جي نالي ڪري هليو ويو هن چيو ته مون کي ديهه وڄٺوٽ ٽپو سبحان ۾ ساڍا اٺ ايڪڙ زمين حصي ۾ آئي. جنهن تي پنهنجي هارين معرفت زمينداري ڪندو پيو اچان. ڪجهه وقت کان منهنجا پائر پائر بشير احمد، عبدالمجيد، رشيد احمد ۽ پاڻتيا زاهد حسين ۽ ساجد حسين پٽ رشيد احمد منهنجي هارين کي تنگ ڪري رهيا هئا جڏهن مان ڪانئن پڇاڻو ڪيو ته هنن منهنجي زاتي زمين مان به اڌ حصو ونڻ جي گهر ڪئي جيڪو مون ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته هو مون تي به مڇرجي پيا. گذريل ڏينهن مان پنهنجي ٻني ۾ ٻوڪيل ڪڻڪ جو لابارو ڪرائڻ پهتس ته مٿي جاتايل جوابدارن مون ۽ منهنجي هاري مٿان حملو ڪري ڇڏيو اسان کي يرغمال ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي زمين تي قبضو ڪري ڪڻڪ جو لابارو ڪرڻ نه ڏنو اهڙي واقعي جي دانهن ڪئي ڪينجهو پوليس کي ڏني پر پوليس منهنجي ڪابه مدد نه ڪئي هن وڌيڪ چيو ته مان پنهنجي پاڻن خلاف عدالتي جنگ ڪئي چڪو آهيان. جڏهن ته منهنجي لالچي پاڻن کي ڪجهه هڙ حاصل نه ٿيو ته هو منهنجي زمين قبائڻ لاءِ مون کي منهنجي نوجوان پٽ محمد امين سميت قتل ڪرڻ چاهين ٿا. ان ڪري منهنجي حياتي خطري ۾ آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته مونهنجوجاني يا مالي نقصان ٿيو ته هن جا زميوار منهنجا پائر ۽ پاڻتيا هوندا. هن چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف اسلام آباد چيف جسٽس آف هائي ڪورٽ ڪراچي ۽ آءِ جي سنڌ ڪراچي ۽ ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي گهوٽڪي کان انصاف ۽ تحفظ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 10

رند ۽ مومل جوڻيجو شريڪ ٿيا سيمينار ۾ ڳوٺ ريجه پور، ڳوٺ ڏٽي بخش ٻگهيو ڳوٺ نوت خان ٻگهيو ڳوٺ چوپار ڳوٺ حسناڻي ڳاڏهي ڳوٺ ابراهيم چانڊيو ڳوٺ شهداد ڪوسو ڳوٺ دل مراد مگنهار ۽ ڳوٺ عرضي ناڇ جي مردن، عورتن ۽ ٻارڙن شرڪت ڪئي جڏهن تا ٻارن طرفان ٽيبلوز پيش ڪيا ويا.ان موقعي تي سيمينار جاڃاڻ پروٽيڪشن يونٽ دادو جو انچارج سيد هدايت حسين شاه ٻارن جي تحفظ بابت ٻڌايو. سوشل ويلفيئر ڊپارٽمنٽ مان سوشل ويلفيئر آفيسر عبدالوحيد سماجي پلاءِ بابت آگاهي ڏني. لا ڊپارٽمينٽ طرفان ايڊووڪيٽ ميڊم زيبا وگهيو قانوني نقطن تي روشني وڌي. هيلٿ ڊپارٽمينٽ طرفان ڊاڪٽر ساجد لغاري صحت بابت آگاهي ڏني ۽ پوليس ڊپارٽمينٽ کان ميڊم تهمينا ويلڻ کي پوليس جي ڪاروائي ۽ ڪيسن بابت آگاهي ڏني. ان موقعي ٻارن ۾ گفٽ تقسيم ڪيا ويا ۽ ريفريشمينٽ پڻ ڏنو ويو

بقايا سنڌيار 11

سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ برسات متاثرن پاران مالي سهائتا نه ٿيڻ توڙي ايجنٽ زاهد سولنگي پاران گهر تعمير ڪري ڏيارڻ بهاني رشوت طلب ڪرڻ خلاف سخت احتجاج ڪندي ٻڌايو ته ايجنٽ زاهد سولنگي هڪ نجي اين جي اوز جي نالي تي پئسا ۽ گهر تعمير ڪري ڏيارڻ بهاني 5 هزار رپيا رشوت ولي ويو آهي هنن ٻڌايو ته ايجنٽ زاهد سولنگي علائقي جي مختلف ڳوٺن مان گهر تعمير ڪري ڏيارڻ بهاني لکين رپيا وٺي هڙپ ڪري ڇڏيا آهن جنهن سبب اسان جي گهرن ۾ فاقا ڪشي واري صورتحال آهي هنن وزيراعلي ۽ ٻين وس وارن کان مالي سهائتا سان گڏ جاتايل ايجنٽ زاهد سولنگي خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 12

هلاڪ ٿان نوجوان اعتزاز حسين لغاري کي گرفتار ڪرڻ خلاف لغاري برادري جي سوين ماڻهن عبدالجبار لغاري، شيراز لغاري، فياض لغاري ، فهد لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٿاڻي اڳيان ڌرڻو هڻي ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بند ڪري ڇڏيو سخت احتجاج ڪيو ويو ۽ ٿاڻي جو گهيراءُ ڪري ويهي رهيا ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته پوليس اسان جي گردن جي مريض بيمار نوجوان اعتزاز حسين لغاري کي بلاجواز گرفتار ڪيو آهي_جنهن تي ڪوبه ڪيس داخل ناهي_هنن چيو ته نوجوان اعتزاز حسين شيخ پرڪيو پوليس ٿاڻي جي حد ۾ ٿيندڙ روزانو ڏوهن ۽ ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ ۾ هلندڙ منشيات خلاف سوشل ميڊيا تي خبرون هلائيندو آهي _اها ڳالهه ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ نااهل ايس ايڇ او آدم خشڪ کي پسند ناهي_ هنن چيو ته پوليس چرس سميت ٻين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون آهن_هنن چيو ته نااهل ايس ايڇ او پنهنجي آقائن جي چوڻ تي اهڙي ڪا ڪريل حرڪت ڪئي ته رد عمل جو ذميوار پاڻ هوندو_لغاري برادري جي سخت احتجاج ڪانپوءِ شيخ پرڪيو پوليس نوجوان کي آزاد ڪري ڇڏيو_ٻئي پاسي ايس ايڇ او شيخ پرڪيو آدم خشڪ سان رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته پوليس قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار جي موجود هئڻ جو اطلاع ملڻ تي جوابدارن کي گرفتاري لاءِ ڇاپو هنيو پر جوابدار ڇاپي کان اڳ ۾ نڪري ويا هن چيو ته ان سلسلي ۾ پوليس ڪنهن به جوابدار کي گرفتار ناهي ڪيو باقي تصديق لاءِ هڪ نوجوان کي ڪٺي آياسين جنهن کي تصديق بعد ڇڏيو ويو آهي_

بقايا سنڌيار 13

ٽيم موقعي جاءِ وارادات تي پهتي جتي ڳوٺاڻ دانهون ڪندي تعلقه پريس جي ٽيم کي ٻڌايو ته ٺيڪيدار اڳلئي پراڻي روڊ کي ٻنا اسڪريچ جي پٿر جي وڇائي ڪري پراڻيون سرون لڳائيون آهن جنهن سبب سبب روڊ ٿوري عرصي زبون حالي جو شڪار ٿي ويندو ان کان علاوه پيو ته اڄ وري ڊامبر جي جاءِ تي ٽائر سازي ڊامبر ۾ استعمال ڪن پيا هنن مطالبو ڪندي روڊس ڪاٽو نيب، اينٽي ڪرپشن، ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته روڊ ۾ ناقص متيريل ۽ ٽائر سازي ڊامبر استعمال ڪندڙ ٺيڪيدار خلاف فل فور ايڪشن ڪئي اسان مان بيچيني دور ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 14

ڪمشنر ون رياض حسين لغاري، ضلعي فوڊ ڪنٽرولر وسيم جمالي سميت ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن، ٺٽي ۽ سجاول ضلعن جي ڪڻڪ جي آبادگارن، واپارين، ايم اين اي ۽ ايم پي ايز جي نمائندن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي صوبائي سيڪريٽري خوراڪ ڪڻڪ جي آبادگارن کي اپيل ڪئي ته هو ڪڻڪ جي فراهمي ۾ خوراڪ کاتي جي مدد ڪن ته جيئن ٺٽي ۽ سجاول ضلعن ۾ ڪڻڪ جي خريداري جو هدف حاصل ڪري سگهجي. هن چيو ته خوراڪ کاتي سان ڀرپور تعاون ڪيو وڃي، ان حوالي سان خوراڪ کاتي پاران باردانو پڻ فراهم ڪيو ويندو ته جيئن فلور ملن کي ڪڻڪ فراهم ڪري عوام کي مقرر اگهه تي اٽو فراهم ڪري سگهجي. هن چيو ته ڪنهن کي به ڪڻڪ جي ذخيري ۽ ناجائز منافع خوري جي اجازت نه ڏني ويندي هن چيو ته ضلعي مان ڪڻڪ ڪٽي وڃڻ تي قلم 144 لاڳو آهي، ڪڻڪ ضلعي کان ٻاهر منتقل ٿيڻ جي صورت ۾ ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته سڄي سنڌ جي فلور ملن کي سرڪاري اگهه تي ڪڻڪ جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر غلام فاروق سومرو صوبائي سيڪريٽري کي ضلعي انتظاميه پاران هر ممڪن سهڪار جو يقين ڏياريو بعد ۾ صوبائي سيڪريٽري لاڳاپيل آفيسرن سان گڏ مڪلي ٺٽي ۽ سجاول ۾ قائم پي آر سي سينٽرن (ڪڻڪ جي گودامن) جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو پڻ ورتو

بقايا سنڌيار 15

چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر جنيد مرزا. اسسٽنٽ ڪمشنر ريحان ڏيٿو انسپيڪٽر فوزيا ناصر، ايڊووڪيٽ ممتاز جروار، نويد ظفر، شوڪت سريوال رمضان علياڻي سدرا اعجاز شريڪ ٿيا ۽ سيمينار کي پڻ خطاب ڪيو. سيمينار ۾ مختلف ڳوٺن جي مردن، عورتن ۽ ٻارڙن شرڪت ڪئي ۽ ٻارن طرفان ٽيبلوز پيش ڪيا ويا. ان موقعي ٻارن ۾ گفٽ تقسيم ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 16

ڪمشنر طرفان انوکي بجٽ بازار لڳائي ڦوٽو سيشن ڪرايو ويو ماتحت ملازمن جي معرفت فروٽ سبزي وڪرو ڪندڙ دڪاندارن کي زبردستي پابند ڪيو ويوٽ هڪ ڏينهن بجٽ بازار ۾ سندن ريٽ موجب فروٽ ۽ سبزي وڪرو ڪئي وڃي جي بي صورت ۾ پنجاه هزار ڏنڊ لڳايو ويندو جنهن خوف ۾ ٻن هڪ ڪلاڪ تائين دڪاندارن فروٽ ۽ سبزي وڪرو ڪئي بچت بازار جو دورو صوبائي صلاحڪار بنده علي لغاري ڪيو جتي دڪاندار شڪايتن جا ڍير لڳائيندي صلاحڪار کي ٻڌايو ته مارڪيٽ ۾ فروٽ ۽ سبزي مهانگي ملي ٿي هتي هڪ پٽيوالي ڪين ڌمڪائي بازار لڳرائي آهي هوڏانهن صوبائي صلاحڪار بچت بازار مان مطمئن ٿي روانو ٿي ويو جنهن بعد دڪاندارن کي ڇڏيو ويو ٻي طرف انوکي بجٽ بازار لڳائڻ تي هتان جي رهواسين حيرت جو اظهار ڪيو

بقايا سنڌيار 17

اقبال ميمڻ خريدارن سان ڳالهه ٻول ڪئي ان موقعي تي ڪمشنر ڪراچي اقبال ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مليرجي مختلف علائقن ۾ عوام جي لاءِ بچت بازار لڳائي آهي جنهن غريب ماڻهن کي رليف ملي رهيو آهي حڪومت سنڌ جي لڳل بچت بازار جي ڪري فائدو ملي رهيو آهي سرڪاري اگهن تي ڪاڌي پيتي جون شيون ملي رهيون آهن بچت بازار پورو رمضان جو مهينو عوام کي رليف ڏنو ويندو هن وڌيڪ منافع خور دڪاندارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ انهن کي جيل موڪليو ويندو ريٽ لسٽ چيڪ ڪرڻ لاءِ اسان جا آفيسر هر وقت هائي الرٽ آهن عوام جي شڪايت تي ڪاروائي ويندي

بقايا سنڌيار 18

زرداري منارٽي اشوز تي پاڻ نوٽس وٺندا آهن پاڻ حڪم هدايتون جاري ڪندا آهن چيئرمين صاحب اقليتي برادري سان ايتري محبت ڪري ٿو جنهن جو ڪو اندازو ناهي توهان ڏسندو هر هولي ڏياري ڪرسمس هر پروگرام دل سان اٽيند ڪندو آهي صوبائي وزير لٿي ۾. مندرن مسائن گردوارن لاءِ ڪروڙين رپين اسڪيمون ڏيڻ جو اعلان ڪيوان ڪان علاوه به سڀو جي لڳ ڀڳ غريب بيواهن مسحتقن ۾ هزارين رپين جا چيڪ ورهايا ان سان پاڪستان هندو ڪائونسل جي چيف ڪوآرڊينيٽر ڪرشن ساگر سماج سڌارڪ امرديپ ڪيڏلائي پ پ ضلعي منارٽي ونگ ٺٽي جو صدر ڪنهيا نائب صدر سامن ويڏائي ٺٽي ضلعي ڪوآرڊينيٽر دريانو مل ۽ ٻين ميلي تي آيلن کي ميلي جي پربند ڪميٽي پاران چنرين لنگهين اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا

بقايا سنڌيار 19

انڪم سپورٽ پروگرام تحت غريب مستحق عورتن جي امدادي رقم جي قسط ۽ اسڪولي ٻارن لاءِ آيل ٻن هزارن جي رقم مان به ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز هولڊر مافيا روزانو لکين روپين جي ڪٽوتي ڪري رهيا آهن مقامي پوليس پڻ ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز هولڊ مافيا سان شامل ٿي ويٺي گرفتار ٻن ڊوائيز هولڊرن کي گرفتاري هڪ لکروپين جي ڏيتي ليتي تي آزاد ڪري ڇڏيو تفصيل موجب بدين شهر سميت پوري ضلع بدين ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت غريب مسڪين ۽ مستحق بيواهه عورتن جي لاءِ آيل رقم 8500 ۽ انهن جي تعليم حاصل ڪندڙ ٻارڙن لاءِ آيل وظيفي جي رقم ٻن هزار روپين مان به ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز هولڊرن طرفان ناجائز ڪٽوتي وارو سلسلو بند نه ٿي سگهيو آهي ڊوائيز هولڊر مافيا سرعام في عورت کان 500 کان 1000 روپيا ۽ ٻارڙن جي وظيفي جيمن هزارن جي رقم مان في ٻار 300 روپيا ڪلي عام ناجائز ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز سينٽرن ۽ ايڇ بي ايل جي اي ٽي ايم مشين تي امدادي ۽ وظيفي جي رقم جي حاصلات لاءِ گڏ ٿيل بدين ضلع جي ڏورانهن علائقن جي عورتن ۽ سندن مردن غريب مستحق عورتن ۽ سندن مردن صحافين جي اڳيان دانهيندي چيو ته ڊوائيز هولڊر مافيا في ڪارڊ تي مختلف حربا استعمال ڪري پنج سو کان هزار روپيا ناجائز ڪٽوتي ڪري رهيا آهن مستحق عورتن جو اهو به چوڻ هو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت آيل رقم سان گڏ و گڏ سندن تعليم حاصل ڪندڙ ٻارن جو وظيفو پڻ اچي رهيو آهي. جنهن جي اسان اڻپڙهيل عورتن کي خبر نٿي پوي ۽ڊوائيز هولڊر هڙپ ڪري رهيا آهن ۽ جنهن به عورت سندن ٻارن جي وظيفي جي رقم جي گهر ڪري ٿي ان کي في ٻار جي ٻن هزارن مان 300 روپيا ڪٽوتي ڪري باقي في ٻار 1700 روپيا ڏنا وڃن ٿا ٻئي طرف بدين پوليس جي ذريعن انڪشاف ڪيو آهي ته بدين ضلع جي ڪنهن به ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز سينٽر ۽ ايڇ بي ايل جي اي ٽي ايم مشين تي آفيشلي ڪنهن به مرد ۽ عورت پوليس وارن جون ڊيوٽيون لڳل نه آهن پر ڪٽوتي جي رقم مان بدين پوليس جي حصي جي رقم گڏ ڪرڻ لاءِ مخصوص پوليس وارن جون ڊيوٽيون لڳايون ويون آهن بدين شهر جي ايڇ بي ايل جي اي ٽي ايم مشين تي پوليس طرفان مقرر ڪيل ماشاخورن وچ ۾ ڪالهه ان وقت جهيڙو ٿي پيو جڏهن بدين پوليس جي هڪ عورت سپاهي اي ٽي ايم مشين تي قبضو ڪري ورتو ۽ ماشاخورن طرفان بدين سٽي ٿاڻي تي اطلاع ڪيو ويو هڪ ماشا خور ٻڌايو ته پوليس اي ٽي ايم مشين تي اچڻ جي بجءِ اسان کي سٽي ٿاڻي تي گهرايو جتي فيصلو ڪري هر ماشا خور کي 2_2 ڪلاڪ اي ٽي ايم مشين ڏني ويندي ته جيئن هر ڪو پنهنجي حصي جي ڪٽوتي ڪري سگهي ۽ ان لاءِ 2 ڪلاڪ ڏينهن جو 2 ڪلاڪ رات جو عورت پوليس واري کي به ڏنا ويا آهن ٻئي طرف ڊي آئي بي پوليس بدين شهر جي ٻن ڊوائيز هولڊر پلاڻ پاڻن کي گرفتار ڪري انهن وٽان هڪ غائب ٿي ويل آئي هٽ ڪري ورتي ۽ بعد ۾ هڪ لک روپين جي ڏيتي ليتي تي ٻنهي پاڻن کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ پاڻن اصل مالڪ جي حوالي ڪري ڇي آهي بدين جي ساجاهه وندن آئي ڊي جي ايف آئي اي ۽ آئي جي سنڌ. ڊي آئي جي حيدرآباد ڊي سي بدين کان مطالبو ڪيو آهي ته بدين ضلع ۾ ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز سينٽرن ۽ ايڇ بي ايل بدين جي اي ٽي ايم مشينن تي مستحق عورتن جي ٿيندڙ تذليل بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت آيل رقم ۽ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن جي وظيفي مان ناجائز ڪٽوتي ڪندڙ مافيا جي خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي. بغير ڪنهن ڪٽوتي جي مستحق عورتن جي رقم ڏني وڃي ۽ رقم جي رسيد پڻ ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 20

ميهڙ جي 14 وارڊن مان پي ٽي آءِ جا 9 اميدوار ڪامياب ٿيا هئا ۽ هڪ وارڊ تي پ پ شهيد ڀٽو جو اميدوار ڪامياب ٿيو جڏهن ته ٻئي ڏينهن تي اليڪشن ڪميشن ڊي آر او جي حڪم تي ٻيهر ڳڻپ ۾ اسان جو هڪ اميدوار هارايو هو. ان جي باوجود اسان جي اڪثريت آهي، جنهن کي سنڌ جي اليڪشن ڪميشن بدديانتيءَ سان ان جا نتيجا تبديل ڪرڻ لاءِ ٻيهر ڳڻپ جو شيڊول جاري ڪيو آهي ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ لاءِ ٻيهر ڳڻپ واريون ڏنل درخواستون اسان جون رد ۽ پيپلز پارٽي جي اميدوارن جون درخواستون بحال ٿي رهيون آهن ٻيهر 3 وارڊن تي ڪاسٽ ٿيل ووٽن جي (اڄ) ٻيهر ڳڻپ ڪئي پئي وڃي، جنهن کي اسان بدنيتي ۽ دانڌلي سمجهون ٿا، 2 مهينن کان پوءِ ٻيهر ڳڻپ جو فيصلو اچڻ سمجهه کان ٻاهر آهي جو ته اهي بيلٽ باڪسز بااثر اليڪشن ڪميشن ۽ ڊي آر او وٽ هئا ته پوءِ اسان کي ڪيئن خبر پوي ته انهن بيلٽ باڪسز اندر ڇا ٿيو هوندو؟ ڊپٽي ڪمشنر دادو جيڪو ڊي آر او آهي جنهن جو چوڻ آهي ته اليڪشن ۾ بيلٽ باڪسز عوام جي امانت هوندا آهن. هتي امانت ۾ خيانت دستور بڻجي ويو آهي پي ٽي آءِ اڳواڻن چتاءُ ڏيندي چيو ته ڪا به دانڌلي برداشت نه ڪنداسين نتيجا تبديل ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي آهي هنن وڌيڪ چيو ته ملڪ جي 13 پارٽين جا اسان جي پارٽي تي حملا جاري آهن

بقايا سنڌيار 21

پاران موڪليل مستحق خاندانن کي اٽي جي سبسڊي طور بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام تحت ملندڙ 2 هزارن واري رقم مان نوشهروفيروز شهر سميت ضلعي جي ننڍن وڏن شهرن محرابپور هالاڻي خانواهڻ ڪنڊيارو پڍا روڊ پريا سٽي ناروشاه ۾ ڊوائيس هولڊ سري عام مستحق عورتن جي رقم مان ڪٽوتي وارو عمل ورجائڻ لڳا اٽي تي ملندڙ سبسڊي جي 2 هزارن مان 3 سئو ڪان 5 سئو تائين ڪٽوتي ڪرڻ سميت سوين عورتن کان آڱوٺا هڻائي انهن جي ٻئي مٿا رقم ڊوائيس هولڊر کيڏي انهن مستحق عورتن کي اهو چئي موٽائي ڇڏيو ته اوهان جو نالولسٽ ۾ ناهي جنهن تان مستحق عورتن ۽ ڊوائيس ايجنٽن ۾ منهن ماري سبب عورتن کي ڌڪا ڏنا ويا جنهن تي مستحق عورتن شهناز، شهربانو، ڪلثوم خاتون، ڪونج، شريفان، فاطمه، نورجهان، ڪزبانو زينت،حاتل،صغران وزيران آشيان ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪرڻ ڪان پوءِ دانهيندي چيو آهي ته نوشهروفيروز ۾ ڊوائيس ايجنٽ آغا مجيب پٺاڻ، خليل عمراڻي، ٻبن سيال، خالد چانڊيو بيدل چانڊيو اسد چانڊيو ۽ ٻيا سڄي شهر جي مختلف پاڙن ۾ ڊوائيس مشينو رکي اسان مستحق عورتن جي لاءِ سنڌ حڪومت پاران موڪليل بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام تحت اٽي تي سبسڊي واري رقم 2 هزارن مان 3سوءِ ڪان 5 سوءِ رپين تائين ڪٽوتي ڪري رهيا آهن ۽ سوين مستحق عورتن جا ٻئي مٿان پيسا کيڏي انهن کي چون ٿا اوهان جو لسٽ ۾ نالو ناهي جڏهن ته اڳ به ٻبن سيال ۽ خالد چانڊيو ۽ ٻيا سوين مستحق عورتن جي رقم ڪيرائڻ واري الزام تحت ايف آءِ اي هٿان گرفتار ٿيا هئا ۽ سندن مٿان انڪوائريون هلندڙ آهن جن خلاف قدم کڻي مستحق عورتن کي پنهنجي پوري رقم ڏياري وڃي ۽ ڪٽوتي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 22

۾ سماجي تنظيم اسپيس آرگنائيزيشن ۽ سول سوسائٽي توڙي آس پاس جي ڳوٺاڻ پاران وڌندڙ بدامني خلاف جهانپور ٿاڻي کان ريلي ڪڍي درگاهه جي مين گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اسپيس آرگنائيزيشن جي چيئرمين، سيد صدرالدين شاه بخاري،استاد رشيد ملهڻ، علي نواز سميجو، سيد عابد شاه،وڏيرو رٻن ملهڻ، بهار شاهه، فرمان شاهه،فقير محسن لغاري ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جهانپور شريف ۽ آس پاس جي علائقن ۾ بدامني وڌي وئي آهي، آئي ڏينهن مختلف علائقن جي ڳوٺن مان چور بجلي جون تارون توڙي مال مويشي، موٽر سائيڪل ڦر ٻين چورين جي وارداتن ۾ اظافو ٿيندو پيو وڃي ليڪن سرحد پوليس ۽ چونڪي انچارج نثار مهر پاران چورين کي روڪڻ لاءِ علائقي ۾ ڪوبه گشت نه پيو ڪيو وڃي جنهن جي ڪري هتي بدامني روز جو معمول بڻيل آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته گذريل ڏينهن چورن مختلف ڳوٺن ڏانهن ويندڙ 11 هزار وولٽيج بجلي جون تارون لاهي ڪئي آسانيءَ سان ڪئي فرار ٿي ويا جنهن جي ماليت لکين رپين جي ٻڌڻ ۾ آئي جنهن کان پوءِ ڪافي ڳوٺن ۾ بجلي فراهمي بند آهي هنن ايس ايس پي گهوٽڪي تنوير تنيو کان مطالبو ڪندي چيو ته چونڪي انچارج نثار مهر کي ڦوري هٽائي ڪين سلوايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي ته جيئن وڌندڙ بدامني تي ضابطو اچي سگهي ۽ علائقي ۾ امان قائم ٿي سگهي ٻي صورت ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس اڳيا سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 23

ناڪوٽ اسان ۽ اسان جي چيلن مٿان تشدد ڪيو.اسان جو هن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اسان کي هن مان خطرو آهي، اسلم فقير کي پنهنجي برداري مان نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي. گرو حاجي گلزار فقير چيو ته اسلم فقير جيڪو پاڻ کي ڪڙو فقير سڏائي ڪڙن سان وڙهي ٿو منهنجي 70 سال عمر آهي شرافت سان زندگي دادو ۾ گذاري آهي پر هن منهنجي اچي مٿي جو به خيال نه ڪيو ۽ مون سان وڙهيو ۽ منهنجي تذليل ڪئي آهي هن ڏيک چيو ته منهنجي وفات بعد منهنجي گهر ۽ ٻچن جو وارث حاجاڻي نادرا فقير ۽ منهنجا چيلا هوندا. ڪافي ڏينهن کان اسلم فقير نامعلوم هٿيار بند ماڻهو وٺي اسان جي گهر آڏو بيهي موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، ڪڙن فقيرن ايس ايس پي دادو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 24

ٻتي جي آپريشن لاءِ آندو ويو جتي ڊاڪٽرن جي ٽيم ڊاڪٽر قاضي درمحمد ڊاڪٽر ماجد سوڏڙو ۽ اوٽي انچارج طالب حسين سومرو جي موجودگي ۾ آپريشن دوران فوت ٿي وئي اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر ماجد منگي جو چوڻ آهي ته عورت جو آپريشن ٿئي ويو هو حياتي جنهن جي جيتري هوندي وڌيڪ ڪير نٿو ڪري سگهي. فوتي عورتڻ جي پٽ زارو قطار روئيندي ۽ الزام لڳائيندي چيو ته امڙ کي 10 منٽ اڳ آپريشن لاءِ کڻي ويا بعد ۾ چوڻ لڳا فوت ٿي وئي آهي اهڙو بيان سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل آهي هن وڌيڪ چيو ته نشي جو ڊاڪٽر موجود ڪو نه هو ته آپريشن ڪئي ٿيو عورت جي وارثن اسپتال ۾ سخت احتجاج ڪرڻ بعد راڻيپور قومي شاهراه بند ڪري سخت احتجاج ۽ ڌرڻو هڻي صحت جي وزير کان مطالبو ڪيو ته انڪوائري ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 25

يادگارسرو جو ونڊ ڀوٽو لڳرايو ويو.ان موقعي تي لاڙڪاڻو شهري اتحاد جو صدر نياز احمدابڙو ، نثار احمد ،ايوان زراعت لاڙڪاڻي جو صدرسيد سراج علي شاه راشدي ،ايڊووڪيٽ آفتاب احمد مغل ۽ ٻين شاندار استقبال ڪيو ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو پوليس مظهرنواز شيخ کي مبارڪ باد پيش ڪئي، لاڙڪاڻو شهري اتحاد جي عهديدارن جو چوڻ هيو ته لاڙڪاڻي جو ڊي آءِ جي مظهر نواز شيخ کي اسلامي جمهوريه پاڪستان جي صدر پاران انعام سان نوازيو ويو آهي جيڪو تمام سنڌي بهادر پوليس آفيسرز جي لاءِ هڪ اعزاز ڪن گهٽ نه آهي جنهن ۾ ڊي آءِ جي مظهر نوازشيخ جي اڳواڻي ۾ سنڌ ۾ ڏاڙيل راڄ جو خاتمو ڪيو.هنن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته ڊي آءِ جي مظهرنواز شيخ هيرو آف سنڌ پوليس آهي هن لاڙڪاڻي پوليس پارٽي سان گڏ ڪچي ۾ 70 ڏاڙيل گرفتارڪيا ۽ 104 مغوي آزاد ڪرايا .ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو مظهر نواز شيخ جي ڪوشش سان ڪچي ۾ اچڻ وڃڻ جا رستا پڻ نهرايا ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو جي اهڙي فرض شناسي کي ڏسي ڪري اڄ لاڙڪاڻو شهري اتحاد جي طرفان ان کي مبارڪ باد پيش ڪئي وئي آهي,,,ن

بقايا سنڌيار 26

عبدالغفار ڏيٿو مبين راڄپر اصغر مورو تهميز وسڻ ۽ ارشاد مورو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب نوشهروفيروز اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ۾ سوين استادن جي شرڪت. سنڌ سرڪار ۽ تعليم کاتي خلاف سخت نعريبازي، احتجاج جي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پرائمري سطح تي تعليم ڏيندڙ ارڙهن سالن جو تجربو رکندڙ استادن کي پڪو ڪرڻ بدران فقط پگهار ۾ معمولي اضافو ڪري نه ڪين اسڪيل ڏنو ويو آهي نه وري ڪين پرائمري استادن ۽ سرڪاري ملازمن واريون مراعتون ڏنيون ويون آهن ان ڪانسواءِ استادن کي پينشن کان پڻ محروم رکيو ويو آهي رٽائرمنٽ جي عمر کان هٽي ڪري استادن جي عمر 55 سال ٿيڻ شرط ڪين نوڪري مان نيڪالي ڏني ويندي جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هنن وڌيڪ چيو ته اسان جو گذريل ٽن مهينن کان پگهار بند آهي جڏهن ته مهانگائي جي سبب ڪافي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهيون رمضان شريف هلندڙ آهي ۽ عيدالفطر به ويجهو آهي اسان کي به گهر ٻار آهن انهن کي به عيد جي خوشين جو حق آهي هنن وزيراعليٰ سنڌ، وزيرتعليم سردار شاه سيڪريٽري تعليم غلام اڪبر لغاري پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ سمورن ارباب اختيار کان مطالبو ڪندي چيو ته اين سي ايڇ ڊي ۽ بيڪس استادن کي جلد کان جلد اسڪيل ڏئي پرسنل آئيڊي ذريعي هر مهيني پگهار ڏني وڃي سرڪاري ملازمن واريون مراعتون. پينشن جو حق ڏنو وڃي ايندڙ بجيٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50٪ پگهار ۾ اضافو ڪيو وڃي ۽ 55 سال رٽائرمنٽ واري پاليسي تي نظرثاني ڪري رٽائرمينٽ جي حد ٻين ملازمن وانگر 60 سال ڪئي وڃي انڪانسواءِ استادن جي رهيل ٽن مهينن جي پگهار حڪومت جي فيصلي موجب 5 سيڪڙو جي اضافي سان جلد جاري ڪري استادن کي عيد کان اڳ پگهار ڏني وڃي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن اسان جا مطالبا نه مڃيا ويا ته جلد ڪراچي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ لڳائي وزير اعليٰ هائوس ۽ گورنر هائوس اڳيان ڌرڻو هڻي پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ پرامن ۽ پرزور احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويندو

بقايا سنڌيار 27

انڪم سپورٽ پروگرام تحت غريب مستحق عورتن جي امدادي رقم جي قسط ۽ اسڪولي ٻارن لاءِ آيل ٻن هزارن جي رقم مان به ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز هولڊر مافيا روزانو لکين روپين جي ڪٽوتي ڪري رهيا آهن مقامي پوليس پڻ ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز هولڊ مافيا سان شامل ٿي ويٺي گرفتار ٻن ڊوائيز هولڊرن کي گرفتاري هڪ لکروپين جي ڏيتي ليتي تي آزاد ڪري ڇڏيو تفصيل موجب بدين شهر سميت پوري ضلع بدين ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت غريب مسڪين ۽ مستحق بيواهه عورتن جي لاءِ آيل رقم 8500 ۽ انهن جي تعليم حاصل ڪندڙ ٻارڙن لاءِ آيل وظيفي جي رقم ٻن هزار روپين مان به ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز هولڊرن طرفان ناجائز ڪٽوتي وارو سلسلو بند نه ٿي سگهيو آهي ڊوائيز هولڊر مافيا سرعام في عورت کان 500 کان 1000 روپيا ۽ ٻارڙن جي وظيفي جيمن هزارن جي رقم مان في ٻار 300 روپيا ڪلي عام ناجائز ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز سينٽرن ۽ ايڇ بي ايل جي اي ٽي ايم مشين تي امدادي ۽ وظيفي جي رقم جي حاصلات لاءِ گڏ ٿيل بدين ضلع جي ڏورانهن علائقن جي عورتن ۽ سندن مردن غريب مستحق عورتن ۽ سندن مردن صحافين جي اڳيان دانهيندي چيو ته ڊوائيز هولڊر مافيا في ڪارڊ تي مختلف حربا استعمال ڪري پنج سو کان هزار روپيا ناجائز ڪٽوتي ڪري رهيا آهن مستحق عورتن جو اهو به چوڻ هو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت آيل رقم سان گڏ و گڏ سندن تعليم حاصل ڪندڙ ٻارن جو وظيفو پڻ اچي رهيو آهي. جنهن جي اسان اڻپڙهيل عورتن کي خبر نٿي پوي ۽ڊوائيز هولڊر هڙپ ڪري رهيا آهن ۽ جنهن به عورت سندن ٻارن جي وظيفي جي رقم جي گهر ڪري ٿي ان کي في ٻار جي ٻن هزارن مان 300 روپيا ڪٽوتي ڪري باقي في ٻار 1700 روپيا ڏنا وڃن ٿا ٻئي طرف بدين پوليس جي ذريعن انڪشاف ڪيو آهي ته بدين ضلع جي ڪنهن به ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز سينٽر ۽ ايڇ بي ايل جي اي ٽي ايم مشين تي آفيشلي ڪنهن به مرد ۽ عورت پوليس وارن جون ڊيوٽيون لڳل نه آهن پر ڪٽوتي جي رقم مان بدين پوليس جي حصي جي رقم گڏ ڪرڻ لاءِ مخصوص پوليس وارن جون ڊيوٽيون لڳايون ويون آهن بدين شهر جي ايڇ بي ايل جي اي ٽي ايم مشين تي پوليس طرفان مقرر ڪيل ماشاخورن وچ ۾ ڪالهه ان وقت جهيڙو ٿي پيو جڏهن بدين پوليس جي هڪ عورت سپاهي اي ٽي ايم مشين تي قبضو ڪري ورتو ۽ ماشاخورن طرفان بدين سٽي ٿاڻي تي اطلاع ڪيو ويو هڪ ماشا خور ٻڌايو ته پوليس اي ٽي ايم مشين تي اچڻ جي بجءِ اسان کي سٽي ٿاڻي تي گهرايو جتي فيصلو ڪري هر ماشا خور کي 2_2 ڪلاڪ اي ٽي ايم مشين ڏني ويندي ته جيئن هر ڪو پنهنجي حصي جي ڪٽوتي ڪري سگهي ۽ ان لاءِ 2 ڪلاڪ ڏينهن جو 2 ڪلاڪ رات جو عورت پوليس واري کي به ڏنا ويا آهن ٻئي طرف ڊي آئي بي پوليس بدين شهر جي ٻن ڊوائيز هولڊر پلاڻ پاڻن کي گرفتار ڪري انهن وٽان هڪ غائب ٿي ويل آئي هٽ ڪري ورتي ۽ بعد ۾ هڪ لک روپين جي ڏيتي ليتي تي ٻنهي پاڻن کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ پاڻن اصل مالڪ جي حوالي ڪري ڇي آهي بدين جي ساجاهه وندن آئي ڊي جي ايف آئي اي ۽ آئي جي سنڌ. ڊي آئي جي حيدرآباد ڊي سي بدين کان مطالبو ڪيو آهي ته بدين ضلع ۾ ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز سينٽرن ۽ ايڇ بي ايل بدين جي اي ٽي ايم مشينن تي مستحق عورتن جي ٿيندڙ تذليل بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت آيل رقم ۽ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن جي وظيفي مان ناجائز ڪٽوتي ڪندڙ مافيا جي خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي. بغير ڪنهن ڪٽوتي جي مستحق عورتن جي رقم ڏني وڃي ۽ رقم جي رسيد پڻ ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 28

هلاڪ ٿان نوجوان اعتزاز حسين لغاري کي گرفتار ڪرڻ خلاف لغاري برادري جي سوين ماڻهن عبدالجبار لغاري، شيراز لغاري، فياض لغاري ، فهد لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٿاڻي اڳيان ڌرڻو هڻي ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بند ڪري ڇڏيو سخت احتجاج ڪيو ويو ۽ ٿاڻي جو گهيراءُ ڪري ويهي رهيا ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته پوليس اسان جي گردن جي مريض بيمار نوجوان اعتزاز حسين لغاري کي بلاجواز گرفتار ڪيو آهي_جنهن تي ڪوبه ڪيس داخل ناهي_هنن چيو ته نوجوان اعتزاز حسين شيخ پرڪيو پوليس ٿاڻي جي حد ۾ ٿيندڙ روزانو ڏوهن ۽ ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ ۾ هلندڙ منشيات خلاف سوشل ميڊيا تي خبرون هلائيندو آهي _اها ڳالهه ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ نااهل ايس ايڇ او آدم خشڪ کي پسند ناهي_ هنن چيو ته پوليس چرس سميت ٻين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون آهن_هنن چيو ته نااهل ايس ايڇ او پنهنجي آقائن جي چوڻ تي اهڙي ڪا ڪريل حرڪت ڪئي ته رد عمل جو ذميوار پاڻ هوندو_لغاري برادري جي سخت احتجاج ڪانپوءِ شيخ پرڪيو پوليس نوجوان کي آزاد ڪري ڇڏيو_ٻئي پاسي ايس ايڇ او شيخ پرڪيو آدم خشڪ سان رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته پوليس قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار جي موجود هئڻ جو اطلاع ملڻ تي جوابدارن کي گرفتاري لاءِ ڇاپو هنيو پر جوابدار ڇاپي کان اڳ ۾ نڪري ويا هن چيو ته ان سلسلي ۾ پوليس ڪنهن به جوابدار کي گرفتار ناهي ڪيو باقي تصديق لاءِ هڪ نوجوان کي ڪٺي آياسين جنهن کي تصديق بعد ڇڏيو ويو آهي_

بقايا سنڌيار 29

. ان ڏس ۾ ڏهرڪي واسي منير احمد چاچڙ دانهيندي چيو آهي ته سنڌس والد بهار چاچڙ پاران اسان پاڻن کي ورهاست ۾ زمين ۽ شهري پراپرٽي ملي جيڪا اسان جو والد صاحب پنهنجي حياتي ۾ پاڻن جي نالي ڪري هليو ويو هن چيو ته مون کي ديهه وڄٺوٽ ٽپو سبحان ۾ ساڍا اٺ ايڪڙ زمين حصي ۾ آئي. جنهن تي پنهنجي هارين معرفت زمينداري ڪندو پيو اچان. ڪجهه وقت کان منهنجا پائر پائر بشير احمد، عبدالمجيد، رشيد احمد ۽ پاڻتيا زاهد حسين ۽ ساجد حسين پٽ رشيد احمد منهنجي هارين کي تنگ ڪري رهيا هئا جڏهن مان ڪانئن پڇاڻو ڪيو ته هنن منهنجي زاتي زمين مان به اڌ حصو ونڻ جي گهر ڪئي جيڪو مون ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته هو مون تي به مڇرجي پيا. گذريل ڏينهن مان پنهنجي ٻني ۾ ٻوڪيل ڪڻڪ جو لابارو ڪرائڻ پهتس ته مٿي جاتايل جوابدارن مون ۽ منهنجي هاري مٿان حملو ڪري ڇڏيو اسان کي يرغمال ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي زمين تي قبضو ڪري ڪڻڪ جو لابارو ڪرڻ نه ڏنو اهڙي واقعي جي دانهن ڪئي ڪينجهو پوليس کي ڏني پر پوليس منهنجي ڪابه مدد نه ڪئي هن وڌيڪ چيو ته مان پنهنجي پاڻن خلاف عدالتي جنگ ڪئي چڪو آهيان. جڏهن ته منهنجي لالچي پاڻن کي ڪجهه هڙ حاصل نه ٿيو ته هو منهنجي زمين قبائڻ لاءِ مون کي منهنجي نوجوان پٽ محمد امين سميت قتل ڪرڻ چاهين ٿا. ان ڪري منهنجي حياتي خطري ۾ آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته مونهنجوجاني يا مالي نقصان ٿيو ته هن جا زميوار منهنجا پائر ۽ پاڻتيا هوندا. هن چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف اسلام آباد چيف جسٽس آف هائي ڪورٽ ڪراچي ۽ آءِ جي سنڌ ڪراچي ۽ ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي گهوٽڪي کان انصاف ۽ تحفظ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 30

ڪمشنر ون رياض حسين لغاري، ضلعي فوڊ ڪنٽرولر وسيم جمالي سميت ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن، ٺٽي ۽ سجاول ضلعن جي ڪڻڪ جي آبادگارن، واپارين، ايم اين اي ۽ ايم پي ايز جي نمائندن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي صوبائي سيڪريٽري خوراڪ ڪڻڪ جي آبادگارن کي اپيل ڪئي ته هو ڪڻڪ جي فراهمي ۾ خوراڪ کاتي جي مدد ڪن ته جيئن ٺٽي ۽ سجاول ضلعن ۾ ڪڻڪ جي خريداري جو هدف حاصل ڪري سگهجي. هن چيو ته خوراڪ کاتي سان ڀرپور تعاون ڪيو وڃي، ان حوالي سان خوراڪ کاتي پاران باردانو پڻ فراهم ڪيو ويندو ته جيئن فلور ملن کي ڪڻڪ فراهم ڪري عوام کي مقرر اگهه تي اٽو فراهم ڪري سگهجي. هن چيو ته ڪنهن کي به ڪڻڪ جي ذخيري ۽ ناجائز منافع خوري جي اجازت نه ڏني ويندي هن چيو ته ضلعي مان ڪڻڪ ڪٽي وڃڻ تي قلم 144 لاڳو آهي، ڪڻڪ ضلعي کان ٻاهر منتقل ٿيڻ جي صورت ۾ ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته سڄي سنڌ جي فلور ملن کي سرڪاري اگهه تي ڪڻڪ جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر غلام فاروق سومرو صوبائي سيڪريٽري کي ضلعي انتظاميه پاران هر ممڪن سهڪار جو يقين ڏياريو بعد ۾ صوبائي سيڪريٽري لاڳاپيل آفيسرن سان گڏ مڪلي ٺٽي ۽ سجاول ۾ قائم پي آر سي سينٽرن (ڪڻڪ جي گودامن) جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو پڻ ورتو

بقايا سنڌيار 31

پي اي سيد قطب شا. چيئرمين يوسي 2 جمشيد علي. وائيس چيئرمين سڪندر علي سرگاڻي بلوچ پنهنجي گڏيل جاري بيان ۾ چيو آهي ته گئس عملدارن طرفان رمضان ۾ ڏنل شيڊول مطابق به گئس فراهمي بند رهي ٿي جنهن ڪري گهرن اندر سحري ۽ افطاري به تيار نه ٿي سگهي ماڻهو مجبور ٿي هوٽلن جو رخ ڪن ٿا سندن وڌيڪ چوڻ هو ته هن بدترين مهانگائي واري ۾ ٻاهران ڪاڌو خريد ڪرڻ به تمام مشڪل بڻجي ويو آهي پر لاچاري سبب ماڻهو هوٽلن تان ڪاڌو وٺن پيا هن سوئي سدرن گئس ڪمپني جي اختيارن کان گهر ڪئي آهي ته گلزار هجري اسڪيم 33 ۾ گئس جي بند جو نوٽيس وٺي گئس جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ٻئي صورت ۾ جماعت اسلامي پبلڪ ايڊ ڪاميٽي ضلعي اوپر طرفان گئس آفس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا سنڌيار 32

پاران موڪليل مستحق خاندانن کي اٽي جي سبسڊي طور بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام تحت ملندڙ 2 هزارن واري رقم مان نوشهروفيروز شهر سميت ضلعي جي ننڍن وڏن شهرن محرابپور هالاڻي خانواهڻ ڪنڊيارو پڍا روڊ پريا سٽي ناروشاه ۾ ڊوائيس هولڊ سري عام مستحق عورتن جي رقم مان ڪٽوتي وارو عمل ورجائڻ لڳا اٽي تي ملندڙ سبسڊي جي 2 هزارن مان 3 سئو ڪان 5 سئو تائين ڪٽوتي ڪرڻ سميت سوين عورتن کان آڱوٺا هڻائي انهن جي ٻئي مٿا رقم ڊوائيس هولڊر کيڏي انهن مستحق عورتن کي اهو چئي موٽائي ڇڏيو ته اوهان جو نالولسٽ ۾ ناهي جنهن تان مستحق عورتن ۽ ڊوائيس ايجنٽن ۾ منهن ماري سبب عورتن کي ڌڪا ڏنا ويا جنهن تي مستحق عورتن شهناز، شهربانو، ڪلثوم خاتون، ڪونج، شريفان، فاطمه، نورجهان، ڪزبانو زينت،حاتل،صغران وزيران آشيان ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪرڻ ڪان پوءِ دانهيندي چيو آهي ته نوشهروفيروز ۾ ڊوائيس ايجنٽ آغا مجيب پٺاڻ، خليل عمراڻي، ٻبن سيال، خالد چانڊيو بيدل چانڊيو اسد چانڊيو ۽ ٻيا سڄي شهر جي مختلف پاڙن ۾ ڊوائيس مشينو رکي اسان مستحق عورتن جي لاءِ سنڌ حڪومت پاران موڪليل بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام تحت اٽي تي سبسڊي واري رقم 2 هزارن مان 3سوءِ ڪان 5 سوءِ رپين تائين ڪٽوتي ڪري رهيا آهن ۽ سوين مستحق عورتن جا ٻئي مٿان پيسا کيڏي انهن کي چون ٿا اوهان جو لسٽ ۾ نالو ناهي جڏهن ته اڳ به ٻبن سيال ۽ خالد چانڊيو ۽ ٻيا سوين مستحق عورتن جي رقم ڪيرائڻ واري الزام تحت ايف آءِ اي هٿان گرفتار ٿيا هئا ۽ سندن مٿان انڪوائريون هلندڙ آهن جن خلاف قدم کڻي مستحق عورتن کي پنهنجي پوري رقم ڏياري وڃي ۽ ڪٽوتي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 33

۾ سماجي تنظيم اسپيس آرگنائيزيشن ۽ سول سوسائٽي توڙي آس پاس جي ڳوٺاڻ پاران وڌندڙ بدامني خلاف جهانپور ٿاڻي کان ريلي ڪڍي درگاهه جي مين گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اسپيس آرگنائيزيشن جي چيئرمين، سيد صدرالدين شاه بخاري،استاد رشيد ملهڻ، علي نواز سميجو، سيد عابد شاه،وڏيرو رٻن ملهڻ، بهار شاهه، فرمان شاهه،فقير محسن لغاري ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جهانپور شريف ۽ آس پاس جي علائقن ۾ بدامني وڌي وئي آهي، آئي ڏينهن مختلف علائقن جي ڳوٺن مان چور بجلي جون تارون توڙي مال مويشي، موٽر سائيڪل ڦر ٻين چورين جي وارداتن ۾ اظافو ٿيندو پيو وڃي ليڪن سرحد پوليس ۽ چونڪي انچارج نثار مهر پاران چورين کي روڪڻ لاءِ علائقي ۾ ڪوبه گشت نه پيو ڪيو وڃي جنهن جي ڪري هتي بدامني روز جو معمول بڻيل آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته گذريل ڏينهن چورن مختلف ڳوٺن ڏانهن ويندڙ 11 هزار وولٽيج بجلي جون تارون لاهي ڪئي آسانيءَ سان ڪئي فرار ٿي ويا جنهن جي ماليت لکين رپين جي ٻڌڻ ۾ آئي جنهن کان پوءِ ڪافي ڳوٺن ۾ بجلي فراهمي بند آهي هنن ايس ايس پي گهوٽڪي تنوير تنيو کان مطالبو ڪندي چيو ته چونڪي انچارج نثار مهر کي ڦوري هٽائي ڪين سلوايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي ته جيئن وڌندڙ بدامني تي ضابطو اچي سگهي ۽ علائقي ۾ امان قائم ٿي سگهي ٻي صورت ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس اڳيا سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 34

ناڪوٽ اسان ۽ اسان جي چيلن مٿان تشدد ڪيو.اسان جو هن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اسان کي هن مان خطرو آهي، اسلم فقير کي پنهنجي برداري مان نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي. گرو حاجي گلزار فقير چيو ته اسلم فقير جيڪو پاڻ کي ڪڙو فقير سڏائي ڪڙن سان وڙهي ٿو منهنجي 70 سال عمر آهي شرافت سان زندگي دادو ۾ گذاري آهي پر هن منهنجي اچي مٿي جو به خيال نه ڪيو ۽ مون سان وڙهيو ۽ منهنجي تذليل ڪئي آهي هن ڏيک چيو ته منهنجي وفات بعد منهنجي گهر ۽ ٻچن جو وارث حاجاڻي نادرا فقير ۽ منهنجا چيلا هوندا. ڪافي ڏينهن کان اسلم فقير نامعلوم هٿيار بند ماڻهو وٺي اسان جي گهر آڏو بيهي موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، ڪڙن فقيرن ايس ايس پي دادو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 35

انڪم سپورٽ پروگرام تحت غريب مستحق عورتن جي امدادي رقم جي قسط ۽ اسڪولي ٻارن لاءِ آيل ٻن هزارن جي رقم مان به ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز هولڊر مافيا روزانو لکين روپين جي ڪٽوتي ڪري رهيا آهن مقامي پوليس پڻ ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز هولڊ مافيا سان شامل ٿي ويٺي گرفتار ٻن ڊوائيز هولڊرن کي گرفتاري هڪ لکروپين جي ڏيتي ليتي تي آزاد ڪري ڇڏيو تفصيل موجب بدين شهر سميت پوري ضلع بدين ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت غريب مسڪين ۽ مستحق بيواهه عورتن جي لاءِ آيل رقم 8500 ۽ انهن جي تعليم حاصل ڪندڙ ٻارڙن لاءِ آيل وظيفي جي رقم ٻن هزار روپين مان به ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز هولڊرن طرفان ناجائز ڪٽوتي وارو سلسلو بند نه ٿي سگهيو آهي ڊوائيز هولڊر مافيا سرعام في عورت کان 500 کان 1000 روپيا ۽ ٻارڙن جي وظيفي جيمن هزارن جي رقم مان في ٻار 300 روپيا ڪلي عام ناجائز ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز سينٽرن ۽ ايڇ بي ايل جي اي ٽي ايم مشين تي امدادي ۽ وظيفي جي رقم جي حاصلات لاءِ گڏ ٿيل بدين ضلع جي ڏورانهن علائقن جي عورتن ۽ سندن مردن غريب مستحق عورتن ۽ سندن مردن صحافين جي اڳيان دانهيندي چيو ته ڊوائيز هولڊر مافيا في ڪارڊ تي مختلف حربا استعمال ڪري پنج سو کان هزار روپيا ناجائز ڪٽوتي ڪري رهيا آهن مستحق عورتن جو اهو به چوڻ هو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت آيل رقم سان گڏ و گڏ سندن تعليم حاصل ڪندڙ ٻارن جو وظيفو پڻ اچي رهيو آهي. جنهن جي اسان اڻپڙهيل عورتن کي خبر نٿي پوي ۽ڊوائيز هولڊر هڙپ ڪري رهيا آهن ۽ جنهن به عورت سندن ٻارن جي وظيفي جي رقم جي گهر ڪري ٿي ان کي في ٻار جي ٻن هزارن مان 300 روپيا ڪٽوتي ڪري باقي في ٻار 1700 روپيا ڏنا وڃن ٿا ٻئي طرف بدين پوليس جي ذريعن انڪشاف ڪيو آهي ته بدين ضلع جي ڪنهن به ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز سينٽر ۽ ايڇ بي ايل جي اي ٽي ايم مشين تي آفيشلي ڪنهن به مرد ۽ عورت پوليس وارن جون ڊيوٽيون لڳل نه آهن پر ڪٽوتي جي رقم مان بدين پوليس جي حصي جي رقم گڏ ڪرڻ لاءِ مخصوص پوليس وارن جون ڊيوٽيون لڳايون ويون آهن بدين شهر جي ايڇ بي ايل جي اي ٽي ايم مشين تي پوليس طرفان مقرر ڪيل ماشاخورن وچ ۾ ڪالهه ان وقت جهيڙو ٿي پيو جڏهن بدين پوليس جي هڪ عورت سپاهي اي ٽي ايم مشين تي قبضو ڪري ورتو ۽ ماشاخورن طرفان بدين سٽي ٿاڻي تي اطلاع ڪيو ويو هڪ ماشا خور ٻڌايو ته پوليس اي ٽي ايم مشين تي اچڻ جي بجءِ اسان کي سٽي ٿاڻي تي گهرايو جتي فيصلو ڪري هر ماشا خور کي 2_2 ڪلاڪ اي ٽي ايم مشين ڏني ويندي ته جيئن هر ڪو پنهنجي حصي جي ڪٽوتي ڪري سگهي ۽ ان لاءِ 2 ڪلاڪ ڏينهن جو 2 ڪلاڪ رات جو عورت پوليس واري کي به ڏنا ويا آهن ٻئي طرف ڊي آئي بي پوليس بدين شهر جي ٻن ڊوائيز هولڊر پلاڻ پاڻن کي گرفتار ڪري انهن وٽان هڪ غائب ٿي ويل آئي هٽ ڪري ورتي ۽ بعد ۾ هڪ لک روپين جي ڏيتي ليتي تي ٻنهي پاڻن کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ پاڻن اصل مالڪ جي حوالي ڪري ڇي آهي بدين جي ساجاهه وندن آئي ڊي جي ايف آئي اي ۽ آئي جي سنڌ. ڊي آئي جي حيدرآباد ڊي سي بدين کان مطالبو ڪيو آهي ته بدين ضلع ۾ ايڇ بي ايل ڪنيڪٽنگ ڊوائيز سينٽرن ۽ ايڇ بي ايل بدين جي اي ٽي ايم مشينن تي مستحق عورتن جي ٿيندڙ تذليل بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت آيل رقم ۽ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن جي وظيفي مان ناجائز ڪٽوتي ڪندڙ مافيا جي خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي. بغير ڪنهن ڪٽوتي جي مستحق عورتن جي رقم ڏني وڃي ۽ رقم جي رسيد پڻ ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 36

عبدالغفار ڏيٿو مبين راڄپر اصغر مورو تهميز وسڻ ۽ ارشاد مورو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب نوشهروفيروز اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ۾ سوين استادن جي شرڪت. سنڌ سرڪار ۽ تعليم کاتي خلاف سخت نعريبازي، احتجاج جي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پرائمري سطح تي تعليم ڏيندڙ ارڙهن سالن جو تجربو رکندڙ استادن کي پڪو ڪرڻ بدران فقط پگهار ۾ معمولي اضافو ڪري نه ڪين اسڪيل ڏنو ويو آهي نه وري ڪين پرائمري استادن ۽ سرڪاري ملازمن واريون مراعتون ڏنيون ويون آهن ان ڪانسواءِ استادن کي پينشن کان پڻ محروم رکيو ويو آهي رٽائرمنٽ جي عمر کان هٽي ڪري استادن جي عمر 55 سال ٿيڻ شرط ڪين نوڪري مان نيڪالي ڏني ويندي جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هنن وڌيڪ چيو ته اسان جو گذريل ٽن مهينن کان پگهار بند آهي جڏهن ته مهانگائي جي سبب ڪافي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهيون رمضان شريف هلندڙ آهي ۽ عيدالفطر به ويجهو آهي اسان کي به گهر ٻار آهن انهن کي به عيد جي خوشين جو حق آهي هنن وزيراعليٰ سنڌ، وزيرتعليم سردار شاه سيڪريٽري تعليم غلام اڪبر لغاري پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ سمورن ارباب اختيار کان مطالبو ڪندي چيو ته اين سي ايڇ ڊي ۽ بيڪس استادن کي جلد کان جلد اسڪيل ڏئي پرسنل آئيڊي ذريعي هر مهيني پگهار ڏني وڃي سرڪاري ملازمن واريون مراعتون. پينشن جو حق ڏنو وڃي ايندڙ بجيٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50٪ پگهار ۾ اضافو ڪيو وڃي ۽ 55 سال رٽائرمنٽ واري پاليسي تي نظرثاني ڪري رٽائرمينٽ جي حد ٻين ملازمن وانگر 60 سال ڪئي وڃي انڪانسواءِ استادن جي رهيل ٽن مهينن جي پگهار حڪومت جي فيصلي موجب 5 سيڪڙو جي اضافي سان جلد جاري ڪري استادن کي عيد کان اڳ پگهار ڏني وڃي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن اسان جا مطالبا نه مڃيا ويا ته جلد ڪراچي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ لڳائي وزير اعليٰ هائوس ۽ گورنر هائوس اڳيان ڌرڻو هڻي پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ پرامن ۽ پرزور احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويندو

بقايا سنڌيار 37

يادگارسرو جو ونڊ ڀوٽو لڳرايو ويو.ان موقعي تي لاڙڪاڻو شهري اتحاد جو صدر نياز احمدابڙو ، نثار احمد ،ايوان زراعت لاڙڪاڻي جو صدرسيد سراج علي شاه راشدي ،ايڊووڪيٽ آفتاب احمد مغل ۽ ٻين شاندار استقبال ڪيو ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو پوليس مظهرنواز شيخ کي مبارڪ باد پيش ڪئي، لاڙڪاڻو شهري اتحاد جي عهديدارن جو چوڻ هيو ته لاڙڪاڻي جو ڊي آءِ جي مظهر نواز شيخ کي اسلامي جمهوريه پاڪستان جي صدر پاران انعام سان نوازيو ويو آهي جيڪو تمام سنڌي بهادر پوليس آفيسرز جي لاءِ هڪ اعزاز ڪن گهٽ نه آهي جنهن ۾ ڊي آءِ جي مظهر نوازشيخ جي اڳواڻي ۾ سنڌ ۾ ڏاڙيل راڄ جو خاتمو ڪيو.هنن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته ڊي آءِ جي مظهرنواز شيخ هيرو آف سنڌ پوليس آهي هن لاڙڪاڻي پوليس پارٽي سان گڏ ڪچي ۾ 70 ڏاڙيل گرفتارڪيا ۽ 104 مغوي آزاد ڪرايا .ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو مظهر نواز شيخ جي ڪوشش سان ڪچي ۾ اچڻ وڃڻ جا رستا پڻ نهرايا ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو جي اهڙي فرض شناسي کي ڏسي ڪري اڄ لاڙڪاڻو شهري اتحاد جي طرفان ان کي مبارڪ باد پيش ڪئي وئي آهي,,,ن